Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | آچر 31 ڊسمبر 2023ع بمطابق 17 جمادي الاثاني 1445ھ | شمارو:81 | قيمت 10 روپيا

8 فيبروري تي نوجوان ملڪ ۽ قوم جي تقدير تبديل ڪندا: شهباز شريف

جيڪڏهن توهان جي ووٽ سان نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيو ته واعدو آهي رات ڏينهن هڪ ڪنداسين، ووٽ وجهڻ وقت توهان کي ڏسڻو آهي ته ان ليڊر جو ماضي ڇا آهي

نواز شريف ملڪ مان لوڊشيڊنگ ختم ڪئي، دهشتگردي ۽ بيروزگاري جو خاتمو آندو، منهنجي وزارت عظميٰ جي دور ۾ مهانگائي هئي پر اهو عمران خان جي پاليسين جو نتيجو هو

اسان ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو، سياست نه رياست جي پرواهه ڪئي، ڪستو اڃا تائين اسان جي هٿن ۾ آهي، پاڙيسري ملڪ اڳتي نڪري ويا آهن

اهو پاڪستان ناهي، جنهن لاءِ اسان آزادي حاصل ڪئي هئي، جيڪڏهن توهان جي ووٽ سان نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيو ته واعدو آهي رات ڏينهن هڪ ڪنداسين، ملڪ جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏينداسين

20، 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ٿيندي هئي، لڪين ماڻهو بيروزگار هئا، نواز شريف 20، 20 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ ختم ڪئي، نواز شريف نوجوانن جي هٿن ۾ ليپ ٽاپ ڏنا، دهشتگردي ختم ڪئي.

نواز شريف ڪي اسپتالن ۾ مفت علاج فراهم ڪيو ويو، نواز شريف لاهور ۾ ڪڊني ٽرانسپلانٽ اسپتال ٺاهي، اسان نوجوانن کي پٿر اڇلائڻ نه سيکاريو، اسان نوجوانن کي جي ايچ ڪيو ۽ ڪور ڪمانڊر هائوس تي پٿر هڻڻ نه چيو

شيخوپورا (م د) ن ليگ صدر شهباز شريف چيو آهي ته جيڪڏهن توهان جي ووٽ سان نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيو ته واعدو آهي رات ڏينهن هڪ ڪنداسين. شيخوپورا ۾ جلسي کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته 8 فيبروري تي عام چونڊون ناهن، نوجوان هن ملڪ ۽ قوم جي تقدير تبديل ڪندا، ووٽ وجهڻ وقت توهان کي ڏسڻو آهي ته ان ليڊر جو ماضي ڇا آهي. هن چيو ته نواز شريف ملڪ مان لوڊشيڊنگ ختم ڪئي، دهشتگردي ۽ بيروزگاري جو خاتمو آندو، منهنجي وزارت عظميٰ جي دور ۾ مهانگائي هئي پر اهو عمران خان جي پاليسين جو نتيجو هو. اسان ملڪ کي ڏيوالي کان بچايو. سياست نه رياست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اعظم خان سواتي جي نامزدگي ڪاغذن کي ڪوڙي صحيح ۽ اشتهاري هجڻ جي آڌار تي رد ڪيا ويو

عمران خان سميت پي ٽي آئي اڳواڻن جا ڪاغذ رد، ن ليگ قيادت جا منظور

تحريڪ انصاف جي روپوش اڳواڻ اعظم خان سواتي ۽ ذوالفي بخاري جا قومي اسيمبلي جي سيٽن جي لاءِ جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا

مانسهره مان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 15 تان پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جا نامزدگي ڪاغذ به ريٽرننگ آفيسر رد ڪري ڇڏيا

مريم نواز جا نامزدگي ڪاغذ لاهور ۽ سرگودها جي سمورن تڪن تان منظور. مريم نواز پنجاب اسيمبلي جي لاهور مان 3 تڪن پي پي 159، پي پي 160 ۽ پي پي 165 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا

شاهه محمود قريشي سميت وڌيڪ 3 اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن جي نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. اين اي 214 تي شاهه محمود قريشي ۽ سندس پٽ زين الدين قريشي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سردار حسنين بهادر خان دريشڪ جا به تڪ 294 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا، سردار حسنين بهادر تي ايف آءِ آر داخل هجڻ سبب سندس نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي روپوش اڳواڻ اعظم خان سواتي ۽ ذوالفي بخاري جا قومي اسيمبلي جي سيٽن جي لاءِ جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا آهن. ذوالفي بخاري جا نامزدگي ڪاغذ قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 50 تان رد ٿيا. پي ٽي آءِ اڳواڻ ذوالفي بخاري چيو ته منهنجا نامزدگي ڪاغذ ڪوڙي صحيح جو اعتراض لڳائي رد ڪيا ويا. منهنجي وڪيلن تجويز ۽ تائيد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اعظم سواتي ۽ ذوالفي بخاري ۽ مريم نواز (فائيل فوٽو)

ن ليگ جا ڪم ڪدي ڇڏيو ته ملڪ ۾ ڪنڊرن ڪانسواءِ ڪجھ ناهي: مريم نواز

نواز شريف ۽ شهباز شريف جي ٿورائتي آهيان، جن پارٽي کي منظم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو

ڪڏهن نه سوچيو هو ته سياست ۾ اينديس، 2011 ۾ سوشل ميڊيا تان شروعات ٿي

جيتري محنت ڪري سگهيس ڪئي، پوءِ پاناما آيو ۽ سازش شروع ٿي، توهان سان ظلم ۽ زيادتي ٿي ته ميدان ۾ اچي ويس

لاهور (م د) ن ليگ جي سينيئر نائب صدر مريم نواز چيو آهي ته ن ليگ جا ڪم ڪدي ڇڏيو ته ملڪ ۾ ڪنڊرن ڪانسواءِ ڪجھ ناهي. پارلياماني/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: پوليس اهلڪار موبائل تي نئين سال تي هوائي فائرنگ نه ڪرڻ جي حوالي سان بينر لڳائي رهيا آهن

عثمان، عمر ڊار جي والده
ريحانه ۽ عروبه ڊار جا
نامزدگي ڪاغذ رد

سيالڪوٽ (م د) سيالڪوٽ مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 71 تان تحريڪ انصاف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اڳوڻو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ ميمڻ اتحاد جو سربراهه چونڊجي ويو

ميمڻ برادري جا ماڻهو ننڍڙا نه آهن: شرجيل ميمڻ

الله جي مدد سان ڪنهن به ميمڻ سان هاڻي زيادتي يا ناانصافي ٿيڻ نه ڏينداسين

ٽنڊوڄام (رپورٽر) اڳوڻو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ ميمڻ اتحاد جو سربراهه چونڊجي ويو . اهڙو فيصلو اچ راول هائوس راهوڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اتر وزيرستان ۾ فورسز جي ڪارروائي، 5 دهشتگرد مارجي ويا

مير علي ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو

مارجي ويل دهشتگرد سڪيورٽي فورسز خلاف دهشتگردي جي ڪيترن ئي ڪارروائين ۾ ملوث هئا

راولپنڊي (م د) اتر وزيرستان جي علائقي مير علي ۾ سڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 5 دهشتگرد مارجي ويا. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب مير علي ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو جوابي فائرنگ ۾ 5 دهشتگرد مارجي

بيٽ جو چونڊ نشان: اليڪشن ڪميشن
پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيل
داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان بيٽ جو نشان بحال ڪرڻ جي حوالي سان پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. تفصيل موجب اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پشاور هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيل فيصلي تي مشاورت ڪان پوءِ قانوني ماهرن سان به/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: پوليس ۾ پهرين سنڌي ايس پي جي عهدي تي ترقي ماڻيندڙ کي بيج لڳايا پيا وڃن

فواد چوڌري 6 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي نيب حوالي

اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير فواد چوڌري خلاف جهلم ۾ تعميراتي منصوبن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اڳوڻي وزير کي نيب طرفان 10 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

فواد چوڌري طرفان سندس وڪيل پيش ٿيو، فيصل چوڌري دليل پيش ڪيا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) احتساب عدالت اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري احتساب عدالت ۾ پيشي لاءِ آندو پيو وڃي

پنجاب ۾ ڪوهيڙي
سبب فلائيٽ آپريشن
متاثر، 8 اڏامون منسوخ

لاهور (م د) پنجاب جي مختلف شهرن ۾ ڪوهيڙي سبب 8 ملڪي ۽ پرڏيهي اڏامون منسوخ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

چيف ڪمشنر اسلام آباد کي ڏنل اختيار ختم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران شهريار آفريدي ۽ ٻين جي ايم پي او تحت نظربندي خلاف داخل درخواستن تي حڪم جاري

وفاقي حڪومت کي اسلام آباد جي حدن اندر صوبائي اختيارن لاءِ 3 مهينن اندر قانون سازي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ايم پي او جي سيڪشن 2 ۽ 3 آئين جي آرٽيڪل 4 ۽ 10 جي صريح خلاف ورزي آهي: جسٽس بابر ستار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ طرفان اسلام آباد لاءِ صوبائي حڪومت جا اختيار چيف ڪمشنر کي ڏيڻ وارا سمورا صدارتي حڪم ۽ نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيا. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ شهريار آفريدي ۽ ٻين جي ايم پي او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان ٽيڪس جمع ڪرائڻ بابت آءِ ايم ايف جي شرط پوري ڪري ڇڏي

انڪم ٽيڪس 730 ارب روپيه اضافي سان ڪل 2.13 هزار ارب روپيه وصول ڪيا ويا

فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 65 سيڪڙو اضافي سان ڪل 265 ارب روپيه جمع ٿيا

اسلام آباد (م د) پاڪستان هلندڙ مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن دوران 4.44 هزار ارب روپين کان وڌيڪ جو ٽيڪس جمع ڪري آءِ ايم ايف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عمران خان جي اثاثن ۾ 5 سالن ۾ 27 ڪروڙ کان وڌيڪ جو اضافو

پي ٽي آءِ جي باني جي اثاثن جي ماليت 2018 ۾ 3 ڪروڙ 86 لک 94 هزار رپيا هئي: رپورٽ

پي ٽي آءِ باني لاهور زمان پارڪ ۾ 7 ڪنال 8 مرلا جو گهر ظاهر ڪيو، جنهن جي تعمير جي لاڳت 4 ڪروڙ 86 لک رپين کان وڌيڪ آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اثاثن جي تفصيل ۾ جيو ويو آهي ته گذريل 5 سالن ۾ پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان جي اثاثن ۾ 27 ڪروڙ 72 لک 55 هزار رپين کان وڌيڪ جو اضافو ٿيو آهي ڊان نيوز پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي ۾ نئين سال جي آمد جي موقعي تي ٻن ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو

شهر ۾ هوائي فائرنگ، آتشبازي ۽ هٿيارن جي نمائش تي پابندي لڳائي وئي

ڪمشنر ڪراچي پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، پابندي 31 ڊسمبر کان پهرين جنوري تائين لاڳو هوندي

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ نئين سال جي آمد جي موقعي تي ٻن ڏينهن لاءِ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي شهر ۾ هوائي فائرنگ، آتشبازي ۽ هٿيارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسان کي اڄ رڳو ميدان مليو، ليول ته ملي ناهي: جاويد لطيف

جنهن ملڪ لاءِ سڀ ڪجھ ڪيو ان کي ليول پلينگ فيلڊ ناهي ڏنو ويو

اسان چئون ٿا انصاف سيني سان ٿيڻ گهرجي، ڇا 2018ع ۾ اسان لاءِ ڪنهن معصوم جو لفظ استعمال ڪيو

چوندون نه ٿيڻ سان نه رڳو جمهوريت پر ملڪ کي وڏو نقصان پهچندو: لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي اڳواڻ جاويد لطيف چيو آهي ته اڄ اسان کي رڳو ميدان مليو آهي. ليول ناهي مليو لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي جاويد لطيف چيو ته جنهن ملڪ لاءِ سڀ ڪجھ ڪيو ان کي ليول پلينگ فيلڊ ناهي ڏنو ويو. اسان مطالبو ٿا ڪريون ته ڪنهن جي چونڊ مهر نه هلائي وڃي، جاويد لطيف جو چوڻ آهي ته اسان چئون ٿا انصاف سيني سان ٿيڻ گهرجي، ڇا 2018ع ۾ اسان لاءِ ڪنهن معصوم جو لفظ استعمال ڪيو. مخالف اليڪشن کي تڪراري بڻائڻ چاهين ٿا. هن چيو ته چوندون نه ٿيڻ سان نه رڳو جمهوريت پر ملڪ کي وڏو نقصان پهچندو. توهان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وزيراعظم جي اسپيشل اسسٽنٽ مشعل حسين ملڪ اجلاس جي صدارت ڪندي

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو 47 سالن جو رڪارڊ ٽٽي ويو، چرڪائيندڙ رپورٽ

پاڪستان ۾ گذريل نه مهينا مهانگائي 31 سيڪڙو سالياني بنياد تي 38.4 سيڪڙو ٿي وئي

کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ 50 کان 70 سيڪڙو اضافو سالياني بنياد تي ٿي رهيو آهي

پيٽرول، بجلي ۽ گيس جي اگهن ۾ اضافي ۽ آءِ ايم ايف جي مطالبي تي ٽيڪسز ۾ اضافي سان مهانگائيءَ جو طوفان ايندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ مهانگائيءَ جو 47 سالن جو رڪارڊ ٽٽي ويو آهي. وفاقي شماريات کاتي موجب پاڪستان ۾ گذريل نه مهينا مهانگائي 31 سيڪڙو رهي جيڪا آگسٽ ۾ 27 سيڪڙو هئي، جڏهن ته مهانگائيءَ سالياني بنياد تي 38.4 سيڪڙو ٿي وئي. شماريات کاتي موجب کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ 50 کان 70 سيڪڙو اضافو سالياني بنياد تي ٿي رهيو آهي. ۽ اهو اضافو ماهوار بنياد تي ٿي رهيو آهي. ماهرن اهو خدشو به ظاهر ڪيو آهي ته ايندڙ مهينن ۾ مهانگائي اڃا وڌيڪ وڌندي. پيٽرول، بجلي ۽ گيس جي اگهن ۾ اضافي ۽ آءِ ايم ايف جي مطالبي تي ٽيڪسز ۾ اضافي سان مهانگائيءَ/بقايا پڙهو

لاڙڪاڻو: بي بي آصف ڀٽو زرداري ڳڙهي خدا بخش ڀٽو تي شهيدن جي مزارن تي گل نڇاور ڪري رهي آهي

اسڪولن ۾ سياري جي موڪلن ۾ واڌ

پنجاب پاران حڪومت اسڪولن جي موڪلن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري

سڀ صوبي جا سرڪاري ۽ نجي اسڪول 10 جنوري تي کلندا

لاهور (م د) پنجاب حڪومت اسڪولن ۾ سياري جي موڪلن ۾ واڌ ڪري ڇڏي. پنجاب حڪومت اسڪولن جي موڪلن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اختر مينگل جا ٻن قومي ۽ هڪ صوبائي اسيمبلي تڪ تان نامزدگي ڪاغذ رد

بلوچستان اسيمبلي جي سيٽ پي بي 20 خضدار مان به اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا

اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ اقامي سبب رد ڪيا ويا: آر او

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان نيشنل پارٽي مينگل گروپ جي سربراهه سردار اختر مينگل جا قومي اسيمبلي جي ٻن ۽ صوبائي اسيمبلي جي هڪ تڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صحت، سماجي ڀلائي سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز سول اسپتال جي نيورولوجي ڊپارٽمينٽ ۾ PLEX يونٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

اسلام آباد پوليس ۾ پهرين سنڌي جي ايس پي جي عهدي تي ترقي

ترقي ماڻيندڙن ۾ منور علي مهر ۽ ڪاظم نقوي شامل

آءِ جي اسلام آباد ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ۽ ڊي آءِ جي هيڊ ڪوارٽر ٻنهي آفيسرن کي رينڪ لڳايا

منور علي مهر 1987 ۾ اسلام آباد پوليس ۾ اي ايس آءِ ڀرتي ٿيو هو ۽ پهريون نان سي ايس پي سنڌي ايس پي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي گاديءَ واري شهر جي ٻن پوليس آفيسرن کي ڊي ايس پي مان ايس پي جي عهدي تي ترقي ڏئي ڪين رينڪ لڳايا ويا. جن ۾ منور علي مهر ۽ ڪاظم نقوي شامل آهن. آءِ جي اسلام آباد ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ۽ ڊي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسرائيلي حملو، پاسداران انقلاب جا 11 اهلڪار مارجي ويا

اسرائيل رات دير سان دمشق انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي هوائي حملو ڪيو

اسرائيلي حملي ۾ نشانو بڻيل ميمبر اوپر شام ۾ ايراني فورسز جي سار سنڀال جا ذميوار هئا

حملي وقت سينيئر وفد جي استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي موجود هئا

دمشق (م د) عرب ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته شام جي دمشق ايئرپورٽ تي اسرائيلي حملي ۾ ايراني پاسداران انقلاب جا 11 اهلڪار مارجي ويا. عرب نيوز ايجنسي پنهنجي رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي آهي ته اسرائيل 28 ڊسمبر جي رات دير سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

بلاول ۽ فريال ٽالپر جا نامزدگي ڪاغذ منظور: فهميده ۽ ذوالفقار مرزا جا رد

پيپلز پارٽي جي عورت اڳواڻ ۽ آصف زرداري جي ڀيڻ فريال ٽالپر جا صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي ايس 10 تان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا

اين اي 194 تان جي يو آءِ جي راشد محمود ۽ 196 تان جي يو آءِ جي ناصر محمود جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا جن جو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان چونڊن ۾ مقابلو ٿيندو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو جا لاڙڪاڻي مان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن. لاڙڪاڻي جي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 194 ۽ اين اي 196 تان بلاول ڀٽو جا نامزدگي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

منظور پشتين جوڊيشل ريمانڊ تي جيل حوالي

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالتن ۾ منظور پشتين خلاف ترنول ٿاڻي تي داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت پوليس جي جسماني ريمانڊ جي درخواست رد ڪندي منظور پشتين کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي عدالت منظور پشتين کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالتن ۾ منظور پشتين خلاف ترنول ٿاڻي تي داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پ پ اقتدار جي لالچ ۾ سنڌ جي وحدت کي داءِ تي لڳايو: اياز لطيف پليجو

سنڌي ماڻهن کي زورگار ڏيڻ بدران ڪين پنڻ تي مجبور ڪيو ويو

مهانگائي جو طوفان برپا ڪيو، هاري، مزدور ۽ غريب سوين ماڻهن آپگهات ڪيو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري ٽولي وٽ سنڌ جي خوشحالي جو ڪو به پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سال 2023ع ۾ پاڪستان سياحت لاءِ بهترين ملڪ قرار

ورلڊ ٽورازم بيروميٽر جي رپورٽ ۾ سياحت جي شعبي ۾ پاڪستان جي شاندار ڪارڪردگي جو اعتراف ڪيو

2023ع پهرين 9 مهينن دوران پاڪستان سياحت جي لحاظ سان بهترين ملڪ بڻجي ويو آهي: رپورٽ

هلندڙ سال ملڪ ۾ پرڏيهي سياحن ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 115 سيڪڙو غير معمولي اضافو ڏٺو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) گڏيل قومن جي عالمي سياحتي اداري پاڪستان کي سال 2023ع ۾ سياحت لاءِ بهترين ملڪ قرار ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ملڪ ۾ سون جو
في تولو 900
رپيا گهٽتائي

ڪراچي (رپورٽر) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ گهٽتائي، سون جو في تولو 900 رپين جي گهٽتائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: مسلم ليگ (ن) ڊپٽي سيڪريٽري جنرل عطا تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ نائين جماعت جي امتحانن جي نتيجن جو اعلان

سائنس گروپ ۾ هڪ لک 61 هزار 929 اميدوارن امتحانن ۾ حصو ورتو

جنرل گروپ ريگيولر ۽ پرائيويٽ ۾ 16 هزار 746 اميدوارن امتحانن ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (م د) ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي نائين جماعت جي سائنس ۽ جنرل گروپ جي ريگيولر ۽ پرائيويٽ امتحانن جي نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نادرا سمارٽ ڪارڊ تي رهائشي پتو تبديل ڪرڻ لاءِ ايپ جو اعلان

پتي تي ڪنهن جي ڪنهن فرد جو سمارٽ ڪارڊ ڪٽي اچو ۽ پتو تبديل ڪرايو: نادرا

ان بابت وڌيڪ ڄاڻ رهبر موبائيل ايپ تان وٺي سگهجي ٿي

ڪراچي (م د) نادرا سمارٽ ڪارڊ تي رهائشي پتو تبديل ڪرڻ لاءِ ايپ جو اعلان ڪيو آهي، ماڻهو جيڪي پتو تبديل ڪري چڪا آهن يا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور، گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 3 ڄڻا سڙي فوت

واقعو لاهور جي علائقي چوهنگ ۾ پيش آيو، جتي اوچتو گهر ۾ باهه لڳي وئي

باهه فوري طور تي گهر کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو: پوليس

واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ فائر برگيڊ جون گاڏيون موقعي تي پهچي ويون

لاهور (م د) گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 3 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا. پوليس موجب واقعو لاهور جي علائقي چوهنگ ۾ پيش آيو، جتي اوچتو گهر ۾ باهه لڳي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: ڪيماڙي ٽائون محمدي روڊ تي ڊرينيج سسٽم تباهه ٿيل علائقي واسي مشڪلاتن جو شڪار آهي

سانگهڙ جي قومي تڪ تي جي
ڊي اي اڳواڻ محمد خان
جوڻيجو جا نامزدگي فارم رد

ڪراچي (م د) سانگهڙ جي قومي تڪ اين اي 209 تي جي ڊي اي اڳواڻ محمد خان جوڻيجو جا نامزدگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مولانا فضل الرحمان ۽ ايمل ولي خان کي سڪيورٽي خطرو

ٻنهي سياسي اڳواڻن لاءِ سڪيورٽي خطرا پيدا ٿي ويا آهن: قانون لاڳو ڪندڙ ادارا

سڪيورٽي جا وڌيڪ فول پروف قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان ۽ اي اين پي اڳواڻ ايمل ولي خان لاءِ سڪيورٽي الرٽ جاري ڪيو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شڪارپور: سندراڻي-بروهي تڪرار ڦري پيو، هڪ ڄڻو قتل، 2 زخمي

ڌرين جي فائرنگ ۾ سندراڻي برادري جو غلام اڪبر سندراڻي مارجي ويو

بروهي، سندراڻي تڪرار تان ٻنهي ڌرين جا پنج ڄڻا قتل ٿي چڪا، خوني تڪرار هڪ سال اڳ موٽرسائيڪل ڦرجي معاملي تان شروع ٿيو

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور جي ڪرن ٿاڻي جي حد ۾ سندراڻي ۽ بروهي برادرين ۾ تڪرار هڪ ڀيرو ڀيهر ڀڙڪي پيو ڌرين جي فائرنگ ۾ سندراڻي برادري جو غلام اڪبر سندراڻي مارجي ويو بروهي، سندراڻي تڪرار تان ٻنهي ڌرين جا پنج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ملڪ جي مختلف شهرن مان غيرقانوني طور ترسيل افغان شهرين جي وطن واپسي جو سلسلو جاري

عورتن ۽ ٻارن سميت وڌيڪ هڪ هزار 207 غيرقانوني طور ترسيل افغان شهري پنهنجي ملڪ هليا ويا

افغانستان روانگي لاءِ 112 گاڏين ۾ 131 خاندانن جي وطن واپسي عمل ۾ آندي وئي

اسلام آباد (م د) ملڪ جي مختلف شهرن مان غيرقانوني طور ترسيل افغان شهرين جي وطن واپسي جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته عورتن ۽ ٻارن سميت وڌيڪ هڪ هزار 207 غيرقانوني طور ترسيل افغان شهري پنهنجي ملڪ هليا ويا جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

دادو ۾ ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙو جي مبينا پراسرار طور گم ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ملازمن (پي اير اي) دادو جي سڏ تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال اندر احتجاج مظاهرو ڪيو ويو

ڊاڪٽر زاهد کهڙو کي ظاهر ڪري هيلٿ ملازمن ۽ ان جي گهروارن جي بيچيني دور ڪئي وڃي : مظاهرين جون ڌانهون

فوري طور 24 ڪلاڪن جي اندر ڊاڪٽر زاهد کهڙو کي ظاهر نه ڪيو ته پوري سنڌ جو اسپتالن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو

دادو(ن سنڌيار) سول اسپتال دادو جو اڳوڻو ايم ايس ۽ هائوڪواي ڊي ايڇ او دادو ڊاڪٽر زاهد کهڙو جي پراسرار طور گمشدگي ماملو: ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙو جي مبينا پراسرار طور گم ٿيڻ خلاف ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ملازمن (پي اير اي) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: ڊاڪٽر زاهد حسين کهڙو جي مبينا طور گم ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نيو ايئر نائيٽ تي خرافات ڪري بحثيت قوم پاڻ کي معاشرتي طور تي تباهه و برباد ڪريون ٿا : ڊاڪٽر سعيد اعوان

سکر(بيورو رپورٽ) جماعت اصلاح المسلمين سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو آهي ته نيو ايئر نائيٽ تي خرافات ڪري بحثيت قوم پاڻ کي معاشرتي طور تي تباهه و برباد ڪريون ٿا. ۽ الله جي ناراضگي به وٺي رهيا آهيون. هوائي فائرنگ، شراب نوشي، ون ويلنگ جهڙيون خرافات، سائلنسر کان سواءِ موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽي ۾ صحافي محبوب بروهي ۽ آپڪا اڳواڻ تاج حسين بروهي سان تعزيت جاري

پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد امير حيدر شاهه شيرازي ۽ ٻين تعزيت ڪئي

ڊي اي او سيڪنڊري حضور بخش خاصخيلي، گسٽا اڳواڻ ذوالفقار بروهي، يار محمد لاشاري ۽ ٻين پهچي تعزيت ڪئي

ٺٽو(ڊ) ٺٽي جي سينيئر صحافي محبوب بروهي ۽ آپڪا اڳواڻ تاج حسين بروهي ۽ ٻين سان سندن ننڍي ڀاءُ دوست علي بروهي جي لاڏاڻي تي ٺٽي پرسان ڳوٺ پير محمد بروهي ۾ تعزيتن جو سلسلو جاري آهي. تڏي تي پ پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد امير حيدر شاهه شيرازي، پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ، سينيٽر سسئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪارونجهر جبل سميت سنڌ جي سمورن ثقافتي ۽ قديمي ماڳن جي تحفظ لاءِ زوردار نعري بازي ڪئي وئي

ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف ساڃاهه رستن تي اچي چڪي آهن، ماڳن جي حفاظت لاءِ موثر قانون سازي ڪئي وڃي : مظاهرين

ڪارونجهر جبل سنڌ جي قديمي ماڳن مان آهي، ان جي ڪٽائي وارو عمل سنڌ جي سونهن کي ختم ڪرڻ برابر آهي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي سنڌي ادبي سنگت ضلعي سکر طرفان سکر پريس ڪلب آڏو ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي مظاهرين ڪارونجهر جبل سميت سنڌ جي سمورن ثقافتي ۽ قديمي ماڳن جي تحفظ لاءِ زوردار نعري بازي ڪئي وئي، ضلعي رابطا سيڪريٽري سردار پيرزادي شاخ سکر جي سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گهارو پرسان فارم تي منيجر پاران مبينا ڪهاڙين جا وار ڪري، فارم تي ڪم ڪندڙ بورچي محمد يوسف سوڍو کي سخت زخمي

گهارو (رپورٽر بشام جوکيو)ٺهيم ڳوٺ پرسان مرغي فارم تي منيجر پاران مبينا ڪهاڙين جا وار ڪري، فارم تي ڪم ڪندڙ بورچي محمد يوسف سوڍو کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو. فارم تي بورچي جو ڪم ڪندو آهيان ، عمر راجپوت نالي منيجر بلاجواز دروازو بند ڪري ڪهاڙين جا وار ڪيا آهن زخمي ڪري ڇڏيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهرو فيروز ۾ 2 قومي ۽ 4 صوبائي تڪن تي اليڪشن 2024ع جي فارمن جي جاچ پڙتال جاري

اين ٽي 206.205 ۽ چار صوبائي تڪن پي ايس 32.33.34.35 ٽيل جاچ پڙتال ڪانپوءِ نالي وارين شخصيتن جا فارم بحال

پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ضياءُ الحسن لنجار جو فارم ۽ ذوالفقار بهڻ،شاهنواز جتوئي، ممتاز چانڊيو، مولا بخش مبيجو جا فارم بحال ٿي ويا

مورو جي پي ايس 35 تي 29 اميدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا هيا جنهن ۾ اسڪروٽني دوران 27 اميدوارن جا فارم بحال ٿي ويا

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ضلعي ۾ 2 قومي ۽ 4 صوبائي تڪن تي اليڪشن 2024ع جي فارمن جي جاچ پڙتال جاري آهي اين ٽي 206.205 ۽ چار صوبائي تڪن پي ايس 32.33.34.35 ٽيل جاچ پڙتال ڪانپوءِ نالي وارين شخصيتن جا فارم بحال ٿيا آهن جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ضياءُ الحسن لنجار جو فارم ۽ ذوالفقار بهڻ، شاهنواز جتوئي، ممتاز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ سنڌي ادبي سنگت ضلعي پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪارونجهر جبل جي نيلامي خلاف سنگت آفيس دادو کان دادو پريس ڪلب تائين وسيم آڪاش سيتائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪارونجهر ٽڪر سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي ۽ ڪارونجهر کي ورلڊ هيريٽيج قرار ڏنو وڃي : مظاهرين جون ڌانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪارونجهر ٽڪر جو حسن آهي ان ۾ رهندڙ جيوت کي پڻ تحفظ ڏنو وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سنڌي ادبي سنگت ضلعي پاران سنگت مرڪز جي سڏ تي ڪارونجهر جبل جي نيلامي خلاف سنگت آفيس دادو کان دادو پريس ڪلب تائين وسيم آڪاش سيتائي ضلعي رابطه سيڪريٽري دادو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو: سنڌي سنگت سنگت جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

پي ايس 31 جي اميدوار ريحانا مصطفيٰ سهاڳ ۽ ٻيا اميدوار ڳڙهي خدا بخش پهتا

احمدپور (رپورٽر) احمدپور منگهڻواري پرسان ڳوٺ محمد صالح سهاڳ مان تڪ پي ايس 31 جي اميدوار ريحانا مصطفيٰ سهاڳ ۽ اڳوڻي سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام مصطفي سهاڳ جي اڳواڻي ۾ سوين ڳاڏين جو قافلو شهيدن جي شهر ڳڙهي خدا بخش پهتو شاندار استقبال وڪ وڪ تي گلن جي ورکا، رپورٽ موجب احمدپور لڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جوهي تعلقي کي اڳئين چونڊيل نمائندن تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي : آزاد اميدوار عبدالمجيد

اسان سميت جوهي جي عوام هميشه پ پ پ کي ووٽ ڏنا پر پ پ پ جي چونڊيل اميدوارن جوهي تعلقي جي عوام کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

سيد صالح شاهه چونڊجي اچڻ بعد گهر تي ويو جوهي جي عوام ٻوڏ دوران دربدر ٿي وئي ڪنهن به سندن مالڪي نه ڪئي

هن ڀيري جوهي جو عوام وڏيرن، پيرن کي ووٽ ڏيڻ بدران پورهيت، هاري جي حامي کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) جوهي تعلقي جي صوبائي سيٽ 83 تي آزاد اميدوار طور نامزدگي فارم بحال ٿيڻ تي ريلوي محنت ڪش ملازم يونين پاڪستان جو چيئرمين عبدالمجيد سولنگي ريلي جي صورت ۾ جوهي کان دادو پريس ڪلب پهتو جتي سندس ڳوٺ شير محمد سولنگي، مونڊر جي سولنگي برادري جي معززين دهل شرنائيون گلن سان سندس شاندار استقبال ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پريالوءَ ۾ ڪارونجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو، آزاد انور ڪانڊرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪارونجهر مان اسان کي سون سرن برابر اسان کي ڪمائي ٿئي ٿي : مظاهرين جون ڌانهون

ڪارونجهر جبل سنڌ جو تاريخي ماڳ ۽ ورثو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

پريالو (رپورٽر) پريالوءَ ۾ ڪارونجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي خلاف پريالوءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو، ڪارنجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي رد ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب سنڌ جي نگران حڪومت پاران سنڌ جي قومي ورثي ڪارنجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي خلاف سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو ، آزاد انور ڪانڊرو ،سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پريالو: ڪارونجهر جي نيلامي ۽ ڪٽائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

احمد پور پرسان مقامي زميندار جا 20 کان وڌيڪ ليمن جا وڻ وڍي ويا

احمدپور (رپورٽر) احمدپور پرسان مهيسر وڏا ٿاڻي جي حد ۾ پنگ نه ڏيڻ تان مقامي زميندار جا 20 کان وڌيڪ ليمن جا وڻ وڍي ويا اين سي داخل رپورٽ موجب احمدپور ويجهو مهيسر وڏا ٿاڻي جي حد ڪيٽي عمر شاهه پرسان مقامي زميندار عبدالقيوم سنڌيلو جا ليمن جي باغ مان ويهن کان وڌيڪ وڻ ٻاڙٿون ڪٽجي ويا آن ڏس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊاڪٽر فهميده مرزا، ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ۽ محمد حسام مرزا جا نامينيشن فارم باقيدار هجڻ تي رد

ڊاڪٽر فهميدا مرزا جا 2 فارم، ڊاڪٽر ذولفقار مرزا جو فارم ۽ حسام مرزا جو فارم بينڪن جو باقيدار هجڻ سبب رد ڪيا ويا

منهنجو مرزا شگر مل سان ڪو به واسطو ناهي نه منهنجو شيئر آهي ۽ نه وري ملازم آهيان مرزا شگر مل پبلڪ پراپرٽي آهي : حسام مرزا

اسان منهنجي والده ڊاڪٽر فهميده مرزا جي ايڪسڊنٽ سبب ڪراچي اسپتال ۾ هئاسين جلد بدين پهچي عوام جي وچ ۾ هونداسين

ٽنڊوباگو(رفاقت جروار) ٽنڊوباگو جي صوبائي تڪ پي ايس 70 تي آر او ٽنڊوباگو طرفان اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر ذلفقار مرزا ۽ سندس پٽ اڳوڻي ايم پي اي حسنين مرزا جا نامزدگي فارم رد ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته 23 اميدوارن جا نامزدگي فارم بحال ڪيا ويا آهن. جن ۾ جي ڊي اي جي اڳواڻ عبدالرزاق عرف ناصر نظاماڻي، پيپلزپارٽي جا ارباب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڳاڙهي پرسان سنڌو درياءَ مان هڪ شخص جو لاش پوليس کي مليو

ڳوٺ حاجي لاکو وٽان سنڌو دريا مان 55 ساله شخص جو لاش پوليس کي هٿ آيو

فوتي شخص جو دماغي توازن ٺيڪ نه هو جيڪو ٻن ڏينهن کان لاپتا هو : وارث

ٺٽو(ٻ) ڳاڙهي پرسان سنڌو درياءَ مان هڪ شخص جو لاش پوليس کي مليو آهي. جنهن جي سڃاڻپ پيرامير شاهه طور سڃاڻپ ٿي آهي. پوليس جاچ جاري ڪري ڇڏي، خبر موجب ڳاڙهو شهر پرسان ڳوٺ حاجي لاکو وٽان سنڌو دريا مان 55 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ رضاڪارن جي 2 روزه ٽريننگ ڪرائي وئي

سموري رضا ڪارن کي ڪميونٽي بيس طبي معاملات تي آگاهي ڏني وئي

ايمرجنسي جي صورتحال ۾ انساني جانيلن بچائي سگهجن ٿيون : اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ سوسائيٽي پاران آءِ ايف آر سي جي تعاون سان فلڊ ريڪوري پروگرام تحت رضاڪارن جي 2 روزه ٽريننگ ڪرائي وئي جنهن ۾ سموري رضا ڪارن کي ڪميونٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: آزاد اميدوار مجيد سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو شهر ۽ ان جي آسپاس موٽرسائيڪلن جي چوري رڪجي نه سگهي

مسجد جي خدمتگار جي موٽرسائيڪل زم زم لان ٻاهران کي نامعلوم چور چوري ڪري ويا

اسڪول وٽان 2 نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي ڦري ڪري ويا

ٺٽو(ڊ) ٺٽو شهر ۽ ان جي آسپاس موٽر سائيڪلن جي چوري رڪجي نه سگهي. وڌيڪ ڪيترئون ئي موٽرسائيڪلون چوري. ان سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽون ڪوٽ پرسان سوزڪي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، پيرسن فوت

پيرسن موٽرسائيڪل تي اچي رهيو هو رند واٽر پرسان موٽر سائيڪل جو سوزڪي سان ٽڪر ٿي پيو

اطلاع تي علائقي واسين ڏسي لاش صحت مرڪز ٺٽون ڪوٽ منتقل ڪيو، گهر ۾ ڪهرام

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان سوزڪي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار پيرسن ٿڏي تي فوت. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٺٽون ڪوٽ جي ڳي گنج بخش ڪالوني جو رهواسي پيرسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر جي پي ايس 23 تي تحريڪ لبيڪ جي اميدوار جا ڪاغذ منظور

عام چونڊن بابت اميدوارن پاران جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذن جي بحالي جو سلسلو جاري

نامزدگي ڪاغذ منظور ٿيڻ تي تحريڪ لبيڪ جي ڪارڪنن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي صوبائي تڪ پي ايس 23 تي تحريڪ لبيڪ جي اميدوار جا ڪاغذ منظور ٿي ويا ان سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر: تحريڪ لبيڪ جا اڳواڻ نامزدگي فارم جمع ڪرائڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

بدين : اڪرام واهه جي 95 آرڊي مان غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍڻ خلاف احتجاج

اڪرم واهه جي آرڊي نمبر 95 مان محمد هاشم پنهور جي نالي سان غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍيو ويو آهي : مظاهرين

غير قانوني واٽر ڪورس فوري بند ڪري آبادگارن جو معاشي قتل عام بند ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) اڪرام واهه جي 95 آرڊي مان غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍڻ خلاف اڪرم واهه جي 50 کان مٿي آبادگارن، آبادگار اڳواڻ عبدالحنيظ ميمڻ، شاهد جمالي، سيد رضا شاهه، اوڀايو پنهور ،حاجي غلام مصطفيٰ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

آمري پرسان ڪوچ ڪار سان ٽڪرائجڻ سبب ڪلٽي، 15 مسافر زخمي

ڳوٺ حيدر رند انڊس هاءِ وي تي ڪوچ ڪار سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ ڪلٽي ٿي پئي

ڪراچي واسي هڪ ئي خاندان جي عورتن ٻارڙن سميت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) آمري پرسان ڪوچ ڪار سان ٽڪرائجڻ سبب ڪلٽي عورتن ٻارڙن سميت 15 مسافر زخمي اسپتال منتقل تفصيل موجب آمري پرسان ڳوٺ حيدر رند انڊس هاءِ وي تي ڪوچ ڪار سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ ڪلٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

مانجهند: ڳوٺ حيدر رند انڊس هاءِ وي تي ڪلٽي ٿيل ڪوچ واقعي واري هنڌ پيل نظر اچي رهي آهي

سامارو شهر ۾ ٻن الڳ الڳ دڪانن مان هزارين روپين جون چوريون

واپارين پاران شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

پريس ڪلب آڏو احتجاج مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

سامارو(رپورٽر) سامارو شهر ۾ ٻن الڳ الڳ دڪانن مان هزارين روپين جون چوريون واپارين پاران شٽر بند هڙتال ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. سامارو شهر ۾ چورين ڌم مچي وئي آهي مريد خاصخيلي مارڪيٽ مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

”منهنجي نياڻي واپس ڪرايو“ ڪوٽڏيجي ۾ احتجاج

علائقي جا بااثر منهنجي شادي شده نياڻي کي اغوا ڪري ويا هئا : رمضان رند

منهنجي شادي شده نياڻي واپس ڪرائي ڏني وڃي ۽ ظالمن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) ڪوٽڏيجي پرسان ڳوٺ ٻهارو لاشاري واسي جي درد منداڻا اپيل خدا جي واسطي مدد ڪريو منهنجي نياڻي واپس ڪرايو تفصيل موجب رمضان رند چيو ته ڳوٺ ٻهارو لاشاري واسي غلام عباس لاشاري منهنجي شادي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪجهه سال اڳ شعيب مغل نبي هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي : علماءِ ايڪشن ڪاميٽي

مٿس ڪيس داخل هلندڙ هو، عدالت ڪيس عمر قيد جي سزا ۽ پنج لک روپين جو ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي آهي

علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن گواهن ۽ ڪيس جي پوئواري ڪندڙن کي اجرڪن جا تحفا ۽ گلن جا هار پارايا

گهارو(رپورٽر بشام جوکيو) علماءِ ايڪشن ڪاميٽي گهارو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪجهه سال اڳ شعيب مغل نبي هجڻ جي دعويٰ ڪئي هئي، جنهن تي ڪيس داخل هلندڙ هو عدالت ڪيس عمر قيد جي سزا ۽ پنج لک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهارو: علماءِ ايڪشن ڪاميٽي جا اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ آصف ڪالوني جي رهواسڻ پاران ٻاٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات رحمت سولنگي پنهنجي ڌي زرينا سولنگي سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي ٻاٿرن جي ظلمن خلاف احتجاج ڪيو

راشد ملاح، غلام قادر، شعيب ۽ عمران سولنگي 20 ماڻهن کان وڌيڪ ساڻ گڏجي ڪاله شام جو گهر ۾ گهڙي حملو ڪيو : عورت

منهنجي ڌيءَ زرينا مان ۽ منهنجو پٽ الطاف سولنگي سخت زخمي ٿي پيو، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ آصف ڪالوني جي رهواسڻ مسمات رحمت سولنگي پنهنجي ڌي زرينا سولنگي سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي ٻاٿرن جي ظلمن کان تنگ ٿي ميڊيا کي ٻڌايو ته راشد ملاح، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز
STN NEWS
AWAMI AWAZ
نوشهروفيروز: گهر تي حملي خلاف رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين : اليڪشن ڪميشن اميدوارن جي فارمن جي جنڊ ڇاڻ بعد فارمن جي بحال ڪين واري لسٽ جاري ڪري ڇڏي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) اليڪشن آف پاڪستان پاران تڪ وائيز مقرر آر اوز فارم ڀريندڙ اميدوارن جي فارمن جي جنڊ ڇاڻ بعد فارمن جي بحال ڪين واري لسٽ جاري ڪري ڇڏي، خبر موجب اين اي بدين 223 ۽ پي ايس 71 بدين تان فارم ڀريندڙ جي ڊي اي اميدوارن جا فارم آر اوز رد ڪري ڇڏيا .جڏهن ته پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا

شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

6 جنوري تي پريس ڪلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو : مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا. پريس ڪلب کان شهيد جي جاءِ شهادت تائين ريلي. قاتلن جي گرفتاري تائين صحافين پاران احتجاجي تحريڪ جاري رکڻ جو عزم ورجايو ويو آهيان سلسلي ۾ سکر يونين آف جرنلسٽ پاران سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين ۾ درگاهه لواري شريف جي مريدن پاران نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج

حضرت گل حسن شاهه نقشبندي جي وصال ڪانپوءِ خليفي پاران هڪ ڪوڙي وصيت پيش ڪري گادي نشين هجڻ جي دعويٰ ڪئي وئي : اڳواڻ

سموري جماعت هڪ هنڌ گڏ ٿي ان دعويٰ کي ڪوڙو قرار ڏنو ويو، ان ڪانپوءِ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، پٽ صادق ڪوريجو به اهائي دعويٰ ڪندو رهيو

ڪورٽ سڀوري حضرت بيبي بلقيس صاحبه نياڻي پير گل حسن شاهه جي حق ۾ فيصلا ڏنا، درگاهه لنواري شريف اندر ورسي نه ڪرڻ ڏني وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ)سنڌ جي نالي واري درگاهه لنواري شريف جي مريدن جو احتجاج پير فيض محمد قريشي جي ورسي لنواري شريف ۾ ملهائڻ تي پابندي مڙهڻ جو مطالبو تفصيل مطابق سنڌ جي نالي واري درگاهه لنواري شريف جي مريدن نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاج ڪيو جنهن جي اڳواڻي مير طارق ٽالپر، مير اڪرم پٽو، مير نظير ٽالپر ،رحيم بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

NPC
National Press Club Badin
بدين: ۾ درگاهه لواري شريف جا مريد پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر ۾ قريشي ڳوٺ جي رهواسين چنا برادري پاران احتجاج. انصاف جي گهر

سکر(رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) نيو پنڊ ٿاڻي جي حد ماءِ ڪرو ڪالوني قريشي ڳوٺ جي رهواسين چنا برادري جي مردن عورتن معصوم ٻارڙن پريس ڪلب سکر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي عبدالرزاق. مسمات زرينا چنا مسمات سبحان خاتون مسمات شبيران چنا جن ڏانهيندي چيو آهي ت ٽنيا برادري جي پراڻي دشمني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر جي ٻيلي ڪاتي ۾ وڻن جي واڍي جاري، لاڳاپيل اختياريون خاموش ٻيٺل

ٻيلو سمورو وڍجي ويو وڻ نالي ڪاڻ نه بچو، تيز ڪهاڙن وڏن ننڍن ٻيلن ۾ تيزي سان وهڻ لڳا

ڪٽائيندڙ ڪامورا ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا ٻيلا وڍجڻ سبب آلودگي به وڌي وئي

ٻيلن جي تحفظ لاءِ اعلي سطحي ڪاميٽي جوڙي ٻيلن جي صورتحال جو جائزو وٺڻ گهرجي : اڳواڻ

سکر(رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي ٻيلي ڪاتي ۾ وڻن جي واڍي جاري. ٻيلو سمورو وڍجي ويو وڻ نالي ڪاڻ نه بچو تيز ڪهاڙن وڏن ننڍن ٻيلن ۾ تيزي سان وهڻ لڳا. ٻيلن کي ڪٽائيندڙ ڪامورا ڪک پتي مان لک پتي بڻجي ويا ٻيلا وڍجڻ سبب آلودگي به وڌي وئي سرڪاري وڻ وڍجڻ ڪري ناياب نسل جا جانور ۽ پکين ٽترن جي به نسل ڪشي جاري ٻيلي ڪاتي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي ۾ پنگ عيوض اغوا ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام لاءِ واضح ۽ موثر قدم کنيا وڃن : نگران وڏو وزير

جيڪڏهن ڪنهن به ٿاڻي جي حد اندر ڪو به ڏوهه ٿئي ٿو ته لاڳاپيل پوليس ذميوار هوندي : جسٽس (ر) مقبول باقر

تفريحي ماڳن تي پاڻ کي محفوظ نٿا سمجهن ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تان سندن اعتماد ختم ٿي رهيو آهي

ٿاڻي جي حد اندر اسٽريٽ ڪرائم جو ڪو واقعو پيش آيو ته لاڳاپيل پوليس اسٽيشن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر انسپيڪٽر جنرل آف پوليس کي هدايت ڪئي آهي ته ڪراچي ۾ پنگ عيوض اغوا ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي روڪٿام لاءِ واضح ۽ موثر قدم کنيا وڃن. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان نگران خزاني واري وفاقي وزير ملاقات ڪري رهي آهي

اطلاعات کاتي دادو جو سينيئر فوٽو گرافر لاهوتي منير احمد سيال تعلقه اسپتال سيوهڻ ۾ فوت ٿي ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي اڳواڻ آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلع دادو چيئرمين ۽ سرپرست اعلي يوٿ ويلفيئر سوسائٽي ضلع دادو ۽ ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيس دادو جو سينيئر فوٽوگرافر لاهوتي منير احمد سيال سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ اسپتال سيوهڻ ۾ انتقال ڪري ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شهدادڪوٽ ۾ بدامني خلاف سياسي، سماجي تنظيمن ۽ مگسي برادري پاران احتجاجي مظاهرو

عطاءُ الله مگسي، شاهجهان مگسي، ايس ٽي پي اڳواڻ حيات تونيو، ايس يو پي اڳواڻ آصف مگسي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي شهري غير محفوظ ٿي ويا آهن، شهرين مان ڏينهن ڏٺي جو ڦر، چوري جا واقعا وڌي ويا آهن : مظاهرين

شهرين تحفظ فراهم ڪري بدامني کي روڪي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏئي شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ(ڊ ن) شهدادڪوٽ ۾ بدامني خلاف سياسي، سماجي تنظيمن ۽ مگسي برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. مظاهرين عطاءُ الله مگسي، شاهجهان مگسي، ايس ٽي پي اڳواڻ حيات تونيو، قوم پرست اڳواڻ حبدار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ آصف مگسي، موتبر چانڊيو ۽ ٻين هٿن ۾ بينر کڻي ڪوٽومرٽو چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، مظاهرين ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪوٽ غلام محمد : ميان فيض محمد ڪوريجو جي ورسي ملهائڻ بابت پريس ڪانفرنس

حضرت گل حسن شاهه نقشبندي جي وصال ڪانپوءِ خليفي پاران هڪ ڪوڙي وصيت پيش ڪري گادي نشين هجڻ جي دعويٰ ڪئي وئي : اڳواڻ

سموري جماعت هڪ هنڌ گڏ ٿي ان دعويٰ کي ڪوڙو قرار ڏنو ويو، ان ڪانپوءِ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، پٽ صادق ڪوريجو به اهائي دعويٰ ڪندو رهيو

ڪورٽ سڀوري حضرت بيبي بلقيس صاحبه نياڻي پير گل حسن شاهه جي حق ۾ فيصلا ڏنا، درگاهه لنواري شريف اندر ورسي نه ڪرڻ ڏني وڃي

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ مختيار علي خاصخيلي جميل احمد خاصخيلي قادر بخش خاصخيلي علي محمد خاصخيلي غلام مصطفي خاصخيلي عابد علي خاصخيلي عوامي پريس ڪلب تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته درگاهه عاليه لواري شريف بدين جي سجاده نشيني جي ڪوڙي دعويدار ميان فيض محمد ڪوريجو جي ورسي لواري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪوٽ غلام محمد: ميان فيض محمد ڪوريجو جي ورسي ملهائڻ بابت اڳواڻ گڏجاڻي ڪندي

ڪنگري تعلقي جي رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ ۾ نئون وارڊ قائم ڪرڻ جي هڪ تقريب

خيرپور (رپورٽر) ڪنگري تعلقي جي رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ ۾ پي پي ايڇ آءِ سنڌ پاران اکين جي بيماري جو نئون وارڊ قائم ڪرڻ جي هڪ تقريب منعقد چيف آپريٽنگ آفيسر پاران شريڪ ٿي افتتاح ڪيو ويو ڪنگري تعلقي جي غريب ماڻهن کي اکين جي بيمارين بابت هڪ نئون وارڊ قائم ڪري سهولت فراهم ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٿرپارڪر ۾ اينٽي ريبيز (ڇتي ڪتي) جي ويڪسين جي ڪا به کوٽ نه آهي : ڊي ايڇ او

ضلعي ٿرپارڪر ۾ ريبيز (ڇتي ڪتي جي زخمي) جي مرض سبب ڪا به فوتگي نه ٿي آهي

ٿرپارڪر ۾ اينٽي ريبيز ويڪسين (ڇتي ڪتي) جي ويڪسين جي ڪا به کوٽ نه آهي

اسپتالن ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريضن کي مفت ۾ بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر ۾ اينٽي ريبيز (ڇتي ڪتي) جي ويڪسين جي ڪا به کوٽ نه آهي. ٿرپارڪر جي مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ موجود آهي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر مٺي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ٿرپارڪر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب ٿرپارڪر ۾ اينٽي ريبيز(ڇتي ڪتي) جي ويڪسين جي عدم دستيابي بابت شايع ٿيل خبر جي ترديد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
آچر 31 ڊسمبر 2023ع

ڇا پوليس کي ماڻهو مارڻ جو لائسنس مليل آهي؟

هونئن تہ ڪراچي آهي تہ سنڌ جي گاديءَ وارو شهر پر اهو سنڌي ماڻهن لاءِ ممنوع بڻايل آهي. ڪجھ قوتون آهن، جن کان موروڙي جي شهر ۾ سنڌي ماڻهن جو وجود برداشت نٿو ٿئي. اهوئي سبب آهي جو ڪراچيءَ جي صدين جي تاريخ رکندڙ قديم ڳوٺن کي ڊاهڻ ڪانپوءِ وري شهر ۾ بہ سنڌي ماڻهن جي وسندين کي نشانو بڻائڻ جو مشن هٿ ۾ کنيل ٿو ڏسجي. ايتري قدر جو ٻوڏ متاثر ماڻهن جي ٽينٽ سٽي/خيمہ بستيءَ کي بہ نشانو بڻايو ويو آهي. ڪراچيءَ ۾ ناردرن باءِ پاس تي قائم ٻوڏ متاثرن جي "ٽينٽ سٽي" کي ڊاهڻ لاءِ پوليس ڳري مشينريءَ سان آپريشن ڪيو ۽ مزاحمت تي، فائرنگ ۾ هڪ نينگر قتل ٿي ويو، 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن مان هڪ جي حالت ڳنڀيرءَ جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. پوليس بدترين تشدد، لٺبازي ۽ فائرنگ بعد "ٽينٽ سٽي" کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. هن ڀيري بہ پوليس پنهنجي بچاءَ ۾ هميشہ جيان اهوئي روايتي موقف ورجايو ويو آهي تہ نينگر ڳوٺاڻن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو آهي.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي قديم ڳوٺن ۽ وسندين کي ڊاهڻ وارو عمل ڪئين ڏهاڪن کان جاري آهي. ايتري قدر جو گذريل حڪومت جي پندرهن سالن واري دور ۾ بہ ان عمل کي فل اسٽاپ اچي نہ سگهيو. ان عرصي ۾ تہ ويتر قديم ڳوٺ ڊاهڻ جي عمل ۾ تيزي ڏني وئي. توڙي جو قديم ڳوٺن ۽ سنڌي وسندين کي ريگيولر ۽ پڪي ڪرڻ جا بهترين موقعا هئا. پر ائين نہ ڪيو ويو ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (ايم ڊي اي) روينيو عملدارن ۽ پوليس سان گڏجي قديمي ڳوٺ ڊهرائي بلڊر مافيا ۽ قبضي گيرن جي سهولتڪاري ڪئي. هن ڀيري جڏهن سنڌ ۾ نگران حڪمرانن جي بادشاهي آهي تہ بہ اهو عمل جاري آهي. سنڌ ۾ ٻوڏن جي تباهيءَ سبب لکين ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ نہ اڳوڻي حڪومت ۽ نہ ئي وري نگران منتظمين طرفان انهن جي بحاليءَ لاءِ ڪي قدم کنيا ويا آهن. ڪجھ ٻوڏ متاثر ڪراچيءَ ۾ خيمہ بستيون ٺاهي رهيا پيا آهن تہ انهن ڌرتيءَ ڌڻين کي قبضا گير ڄاڻائي کين بيدخل ڪرڻ وارو عمل جاري آهي. جڏهن تہ ٻئي طرف گجر نالي جي متاثرن کي متبادل پلاٽ/معاوضو ڏنو پيو وڃي. گذريل دور ۾ بہ ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثرن کي آباد ڪرڻ جي ڪا بہ سنجيده رٿابندي نہ جوڙي وئي. ڇو تہ حڪمران اشرافيا چاهيو ٿي تہ اهي وري پنهنجن ڳوٺن ۾ پهچن، ڇو تہ سياسي پوتارن جو ووٽ بينڪ انهن تي آڌاريل آهي. اهي ڳوٺن ۾ هوندا تہ انهن سياسي پوتارن کي ووٽ ملي سگهندا. هن وقت سياري ۾، جڏهن شديد سيءَ جي لهر آهي، ٽينٽ سٽي ڊاهي پٽ ڪري ماڻهن کي بيدخل ڪرڻ انتهائي بي رحمانو ۽ غير انساني عمل آهي. صرف اهوئي نہ، ٻوڏ متاثر ماڻهن تي فائرنگ بہ ڪئي وئي، جنهن ۾ نينگر مارجي ويو ۽ ٻيا چار ڄڻا زخمي ڪيا ويا، جن مان هڪ جي حالت ڳنڀيرءَ جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي. ڇا پوليس کي ماڻهو مارڻ جو لائسنس مليل آهي؟ جڏهن بہ پوليس ڪنهن اهڙي آپريشن لاءِ ويندي آهي تہ مئجسٽريٽ کي گڏ وٺي ويندي آهي. پر پوليس اهڙي ڪابہ ضرورت محسوس نہ ڪئي. ڪراچيءَ ۾ افغان وسنديون آهن، بنگالي، بهاري، برمي آباد آهن، انهن لاءِ ڪراچي پوليس چپ چاپ آهي. پر ڌرتيءَ ڌڻين تي اها قهر بڻجي ڪڙڪي رهي آهي. سنڌي ماڻهن کي ڪراچيءَ مان بيدخل ڪيو پيو وڃي. حيرت اها آهي تہ ان تي سنڌ جي نگران انتظاميا ڪوبہ تحرڪ نہ پئي وٺي.

اسان ڪراچيءَ ۾ ٻوڏ متاثرن تي پوليس تشدد ۽ فائرنگ جي شديد مذمت ڪندي اها گهر ڪريون ٿا تہ نينگر جي قتل جي ايف آءِ آر پوليس ۽ ايم ڊي اي اختيارين جي خلاف درج ڪئي وڃي. ٻوڏ متاثرن کي ڪراچيءَ ۾ متبادل رهائش/پلاٽ ڏنا وڃن ۽ جيستائين سنڌ حڪومت انهن ٻوڏ متاثرن جي رهائش جو متبادل انتظام ڪري، تيستائين ڪئمپ قائم ڪري انهن جي عارضي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو انتظام ڪيو وڃي.

هڪ گهر تہ ڏائڻ بہ ٽاريندي آهي!

تحرير: قاسم خاصخيلي

اسان جو ملڪ جيترو خوشحال، آسودو ملڪ آهي، جيترا وسيلا ۽ خوشحالي جا ذريعا هتي آهن جيڪڏهن انهن کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪجھ ايمانداري جو مظاهرو ڪري ان جي اڌ جيترا بہ اسان جي ملڪ جا سياستدان، ڪامورا، زميندار، واپاري، ٽرانسپورٽر، جج، وڪيل پوليس مطلب تہ زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکڻ وارا ۽ جيڪي هوندي سوندي وارا آهن يا جن کي الله تعالى هتي مسڪينن جي مدد لاءِ اعلي عهدن تي پهچايو آهي، اهي، انهن سان لاڳاپيل سندن سائي مٽ مائٽ دوست احباب سڀ جا سڀ جيڪڏهن ٿورڙو بہ خدا جو خوف ڌاري پنهنجي اختيارن جو نيڪ استعمال ڪن حقدارن جا حق غضب نہ ڪن تہ شايد هن ملڪ جي ترقي ۽ هن قوم کي خوشحال ٿيڻ کان ڪير بہ روڪي نٿو سگهي، اهو سڀ ڪجھ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان پنهنجي قلم پنهنجي ڪرسي ۽ پنهنجي ضمير جو سهي استعمال ڪريون تہ شايد دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ اسان سوڀارا پڻ ٿي سگهون ٿا، هن ملڪ جي وڏي بدقسمتي اها بہ آهي تہ هتي جيئرن انسانن کان ويندي مري ويل انسانن جا حق بہ اسان کايو وڃون ٿا ۽ پاڻ کي وري حاجي نمازي پرهيزگار عزتدار مان مرتبي وارو بہ سڏايون ٿا، جنهن تي سواءِ افسوس ڪرڻ جي ٻيو ڪجھ نٿو ڪري سگهجي، اسان اگر دنيا جي ٻين ملڪن تي نظر ڪنداسين تہ انهن ملڪن ۾ جتي انسانن جا حق سلامت آهن اتي جانورن جي حقن جو بہ وڌو خيال رکيو وڃي ٿو پر اسان جو هي واحد ملڪ آهي جتي چڱن ڀلن انسانن کان ويندي معذور ماڻهن ۽ جانورن جي حقن ۾ بہ اسان چڱا ڀلا اکيون وڃهي ويٺل هوندا آهيون، انهن لاءِ ايندڙ فنڊ ايتري قدر جو انهن جي لاءِ خيرات وارا پئسا بہ کائڻ ۾ عيب محسوس ڪرڻ بجاءِ فخر سان سڀ ڪجھ هڙپ ڪري ويندا آهيون جيڪا وڏي افسوس جي ڳالھ آهي، هونئن تہ ڊسمبر مهيني جي 3 تاريخ تي پوري دنيا ۾ معذور ماڻهن جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي پر جيڪڏهن ڏسنداسين تہ دنيا ۾ هر ڏينهن تي هر وقت انهن معذورن جو احترام ڪيو ٿو وڃي انهن جو خيال رکيو ٿو وڃي انهن جو پرچهلو ٿيڻ ۾ دنيا جي سڌريل ملڪن جا ماڻهو فخر ڪن ٿا پر اسان وٽ 3 ڊسمبر جو ڏهاڙو نالي ۽ ڏيکاءُ خاطر ملهائي جلوس ڪڍي، وڏا وڏا سيمينار منعقد ڪري معذور ماڻهن جي حقن بابت خوبصورت تقريرون ڪري ڪوڙيون خبرون ٻڌائي دلاسا ڏئي بس فرض پورو ڪيو ويندو آهي پر عملي طور انهن جي ڏکن جو ڪوبہ پرسان حال ٿيندي نظر ناهي ايندو معذور ماڻهو کي اسان حقارت ڀريل نظرن سان ڏسندا آهيون، اٿين محسوس ٿيندو آهي جڻ معذور يا ڊس ايبل پرسن اسان جي معاشري جو حصو ناهن يا هنن جي ڪا بہ عزت يا ڪو حق ناهي هوندو پر اصل ۾ معذور ماڻهن جي مدد ۽ انهن جي لاءِ ڪم ڪرڻ انهن جي لاءِ آواز اٿارڻ ئي هڪ بهترين عمل آهي جنهن سان دلي سڪون پڻ محسوس ٿئي ٿو هتي ڪنهن معذور کي ڪم تي رکڻ نوڪري ڏيڻ عيب سمجهيو وڃي ٿو جيڪو سراسر غلط عمل آهي، سنڌ ۾ ڪيترائي مسڪين معذور انسان آهن جن جي ڏکن دردن ۽ تڪليفن کان اسان مان گهڻا ماڻهو واقف بہ هوندا آهن پر ڪن لاتار ۽ نظرانداز ڪرڻ سبب اهي اسان جي توجہ کان پري ٿيل آهن، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ سڀ کان وڌيڪ اسان جي توجہ جا مستحق اهي ئي مسڪين بي وس معذور ماڻهو آهن جن جو الله پاڪ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ سهارو ناهي هوندو سنڌ ۾ گذريل پي پي حڪومتي دؤر ۾ معذور ماڻهن لاءِ نوڪرين جا اشتهار جاري ڪيا ويا هئا حقدار معذورن کي نوڪريون ڏيڻ لاءِ ملڪ جي اعلي عدليہ سپريم ڪورٽ جو بہ حڪم هيو پر ان تي بہ مڪمل عمل اڃان تائين ناهي ٿي سگهيو جيڪو افسوسناڪ عمل آهي سنڌ جي تقريبن هر ضلعي جي مختلف کاتن ۾ معذور ڪوٽا جا انگ اکر ملڻ باوجود انهن سيٽن خالي جاين تي سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ هنڌن جي باقي ڪٿي بہ عمل ناهي ٿي سگهيو جتي سنڌ جي ٻين ضلعن جا مسڪين حقدار معذور نوڪرين کان محروم آهن ۽ دانهون ڪندا ٿا وتن اتي ضلعي متياري جا پڻ 149 مسڪين معذور انٽرويوز ۾ پاس ٿيڻ باوجود اڄ تائين اهي مسڪين معذور سواءِ دلاسن جي نوڪريون ماڻي ناهن سگهيا، متياري ضلعي انتظاميا مبينا طور هٺ ڌرمي جو مظاهرو ڪندي رهي پئي جنهن جي نتيجي ۾ بي وس لاچار ۽ پل پل مهانگائي جي چڪي ۾ پيڙهجندڙ بي يارو مددگار متياري ضلعي جا معذور زندگي جي سخت تڪليفن واري مرحلي مان گذري رهيا آهن، جڏهن تہ ٻڌڻ ۾ اهو بہ اچي ٿو تہ مبينا طور ڪامورن ۽ وس وارن جون مسڪين معذورن جي انهن ڀهرين کان چوٽين گريڊ جي سيٽن تي بہ اکيون ڪتل آهن جنهن ڪري پاس ٿيل 149 ڄڻن مان وڌيڪ سيٽون نہ هئڻ جو جواز ڄاڻائي صرف سٺ يا وڌ ۾ وڌ هڪ سؤ معذورن کي نوڪريون ڏيڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن مگر باقي ٻين جاين جي ڪوٽ ڄاڻائي انهن تي پنهنجا منظور نظر يا پئسن عيوض ماڻهو ڀرتي ڪرڻ جو پلان جوڙيو ويو آهي جيڪو سچ آهي تہ اهو افسوسناڪ عمل آهي ڇو تہ مسڪين معذور ان آسري آهن تہ نوڪري ملندي تہ زندگي جو گاڏو عزت سان ڌڪڻ جهڙا ٿي پوندا پر هتي تہ سٺين پوسٽن تي ويٺل ۽ هر طرح جون آسائشون واريون زندگيون جيئڻ وارا سڪيا ستابا بہ پنهنجي لالچ نٿا ڇڏين جنهن ڪري مسڪين پنهنجي حقن کان محروم ٿي رهيا آهن هونئن بہ انهن آفيسرن ۽ پوتارن کي ڪاٺ لاءِ ڪوڙ جايون آهن هنن مسڪينن تي تہ ڪجھ رحم ڪيو وڃي ، سنڌي ۾ چوڻي آهي تہ ڏائڻ بہ هڪ در ڇڏيندي آهي پر لالچي ڇو اسان وٽ ان جي ابتڙ لالچ وڌيل آهي ۽ خدا جو خوف نڪتل آهي، ان ظلم تي متياري ضلعي ۾ معذورن دانهن نہ پئي ٻڌي وڃي جنهن تي مسڪين معذور مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن پر انهن مسڪين معذورن جي ڪوبہ داد رسي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ بہ جتي معذورن کي نوڪريون ڏنيون ويون آهن اتي بہ عوام آزار بي رحم آفيسرن سبب ڪيئي مسئلا جنم وٺي رهيا آهن انهن جون بہ پگهارن لاءِ آئيڊيز نہ پيون کوليون وڃن ڪن ضلعن ۾ تہ صرف آفر آرڊر ڏنا ويا آهن پر انهن کي بہ نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن يا ڪن ضلعن ۾ مسڪين معذور ميڊيڪل لاءِ پريشان دربدر ٿيندا ٿا رهن جنهن لاءِ موجوده سنڌ جي نگران حڪومت کي اپيل ٿي ڪجي تہ سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ مڪمل طور جاچ ڪري مسڪين معذور ماڻهن جي انٽرويوز ٿيل خالي پيل جاين تي فورن ڀرتي ڪئي وڃي، جن ضلعن ۾ آرڊر ڏنا ويا آهن اتي ميڊيڪل ۽ آئيڊيز کولڻ وارن مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪيو وڃي جڏهن تہ متياري ضلعي جي سڀني تعلقن جي پاس ٿيل مسڪين بي وس لاچار ۽ بي سهارا مسڪين معذورن سان انصاف ڪري پاس ٿيل 149 ڄڻن کي مختلف کاتن ۾ آرڊر جاري ڪري نوڪرين تي رکيو وڃي تہ جيئن هو بہ هن معاشري جا باعزت روزگار ڪرڻ وارا شهري بنجي سگهن ۽ هو بہ معذوري کي پنهنجي ڪمزوري محسوس ڪرڻ بجاءِ ان کي پنهنجي طاقت سمجهي پنهنجي ٻچڙن والدين پيٽن پاٿرن جو سهارو بنجي مايوسين جي ڊٻڻ مان نڪري پنهنجو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري هن سماج ۾ جيئڻ جهڙا ٿي سگهن.

تَنَ طبيب نہ تُون، سُڌِ نہ لهين سُورَ جي؛
سانڍِ پنهنجا ڏِٻَڙا، ڪَڏَ ڪٺي ۾ پُون؛
ڪانَ گُهرجي مُون، حياتِ هوتَنِ ري.

١٥ سالن گذري ويا ، ميهڙ جي واٽر سپلاءِ اسڪيم مڪمل نہ ٿي

فراز علي چنا

دادو ضلعي جو اهم ڪاروباري مرڪز ميهڙ شهر گذريل ڪافي سالن کان مسئلن جي ور چڙهيل آهي . پ پ پ حڪومت جو 15 سالا اقتداري دور اڌائي لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ ميهڙ شهر پيئڻ جي مٺي ۽ صاف پاڻي جي سهولت کان محروم آهي. ميهڙ شهر کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪندڙ منصوبي واٽر سپلاءِ اسڪيم جو منصوبو گذريل 15 سالن کان رولڙي جو شڪار آهي پ پ پ حڪومت جا گذريل 3 حڪومتي دور شهر جي واحد اسڪيم کي بحال ڪري ناهي سگهيا. شهر کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪندڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ هڪ ارب روپيا جاري ڪرڻ باوجود واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت گذريل 20 سالن ۾ مڪمل ناهي ٿي سگهي.

2007 ۾ ان وقت جي ضلعي حڪومت پاران شهر کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ دادو ڪئنال مان پائيپ لائين ذريعي لائين وڇائي شهر کي پاڻي پهچائڻ جو منصوب ناهيو ويو جنهن لاءِ ان وقت ضلعي ناظم ڪريم علي جتوئي ميهڙ شهر کي پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي لاءِ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت ۽ واڌاري لاءِ 45 ڪروڙ روپيا جاري ڪيا. جڏهن تہ ڪم شروع ٿيڻ سان ئي ضلعي حڪومتن جو مدو پورو ٿيڻ بعد 2010ع واري ٻوڏ کان عالمي ادارن پاران پاڪستان حڪومت کي ڏنل امداد جي سلسلي ۾ اتلي سرڪار ميهڙ جي واٽر سپلاءِ جي مرمت ،واڌاري ۽ لاءِ 75 ڪروڙ روپيا جاري ڪيا . هڪ ارب روپين جي رقم جاري ڪيا ويا. رقم جاري ٿيڻ کان پوءِ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي بحالي لاءِ منصوبا تہ جڙيا، ٽينڊر بہ ٿيا . پئسا بہ نڪتا پر اسڪيم مڪمل نہ ٿي سگهي

جيتوڻيڪ 2008 ، 2013 ۽ 2018 جي اليڪشن دوران پ پ پ جي اميدوارن پاران ماڻهن سان واعدا ڪيا ويا تہ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي شهر جي پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو حل ڪيو ويندو پر وقت گذرندو ويو. هڪ ارب روپيا ختم ٿي ويا پر واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت نہ ٿي سگهي نہ ئي واٽر سپلاءِ لاءِ اعلانيل منصوبو شروع ٿي سگهيو . هڪ ارب روپيا جاري ٿيڻ باوجود اسڪيم جي مرمت ۽ بحالي نہ ٿيڻ سبب شهرين پاران اعلي اختيارين کي درخواستن ۽ دانهن کان پوءِ جيتوڻيڪ اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار پاران جوڙيل پاڻي ڪميٽي جي سربراهہ امير مسلم هاني پاران 4 دفعا ميهڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم جا دورا ۽ اسڪيم لاءِ ڊي سي دادو کان اضافي فنڊز جاري ڪرڻ ۽ اسڪيم لاءِ بجلي جي ڪمرشل لائين مان ڪنيڪشن ڏيارڻ ، ٽرانسفارمر لڳائڻ باوجود اسڪيم فعال نہ ٿي سگهي. جيتوڻيڪ ميهڙ مان چونڊيل ايم پي اي فياض علي ڀٽ وٽ پ پ پ جي گذريل 3 حڪومتي دورن ۾ وزارتن جا قلمدان رهيا ڪيس پبلڪ هيلٿ جو قلمدان بہ مليو هن وٽ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت، واڌاري ۽ نون منصوبن لاءِ فنڊ بہ هيا عوام سان ڪيل واعدہ بہ هيا پر هو واعده وفا ڪري نہ سگهيو . نہ ئي وري پنهنجي چونڊ تڪ جي ماڻهن لاءِ اهم مسئلو پيئڻ جو پاڻي حل ڪرائي ناهي سگهيو.

ميهڙ شهر جيڪو هڪ وڏي آبادي وارو شهر آهي پر گذريل 15 سالن کان واٽر سپلاءِ اسڪيم وارا بندي جو شڪار آهي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي لاءِ ۽ 30 سالن کان لڳل پراڻا پائيپ هنڌ هنڌ کان ٽٽي ويا آهن. پائيپ ٽٽل هجڻ ۽ نيڪال وارن نالين سان گڏ هجڻ سبب اڪثر ڪري واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ گندو ۽ گٽرن مليل پاڻي اچڻ معمول بڻيل آهي. جيتوڻيڪ شهري گٽر مليل ۽ گندي پاڻي جون تصويرون ۽ وڊيوز سوشل ميڊيا تي رکي احتجاج ڪندا رهيا آهن. پر اختيارين شهرين جي ان احتجاج تي بہ ڪن لاتار ڪري ڇڏي آهي.. ميهڙ شهر جي واٽر سپلاءِ فعال نہ هجڻ ڪري ماڻهون پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان آهن. واٽر سپلاءِ اسڪيم جي وارا بندي گٽر مليل پاڻي اچڻ سبب شهر جا ماڻهو پيئڻ جو پاڻي پئسن تہ وٺڻ تي مجبور آهن پاڻي پئسن تي گهرائڻ سبب شهر ۾ 10 کان وڌيڪ فلٽر پلانٽ کلي ويا آهن جتان ماڻهو پئسن تي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن جڏهن تہ اڪثر ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي پئسن تي پرائي رهيا آهن. پ پ پ جي 15 سالا حڪومتي دور وزارتون . ڪروڙن روپين ميونسپل ميهڙ جي بجيٽ تورڙي هڪ ارب روپيا جاري ڪرڻ باوجود هڪ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت نہ پئي ٿي سگهي.

ميهڙ جا ماڻهو سوال ڪن ٿا تہ آخر ڪين ڪهڙي ڏوھ جي سزا ڏني پئي وڃي. تعلقہ اسپتال ، اسڪولن سميت سمورا ادارا تہ تباھ آهن پر پيئڻ جو پاڻي جو مسئلو بہ حل نہ پيو ٿئي . ماڻهو چون پيا تہ اليڪشن اچي رهي آهي. پ پ پ جا اميدوار ڪهڙي منهن سان ماڻهن کان ووٽ گهرندا ۽ وري ڪهڙو واعدو ڪندا. ميهڙ جا ماڻهو سوال ڪرڻ چاهين ٿا تہ آخر شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي ڪڏهن ملندو؟

دادو ضلعي جو اهم ڪاروباري مرڪز ميهڙ شهر گذريل ڪافي سالن کان مسئلن جي ور چڙهيل آهي . پ پ پ حڪومت جو 15 سالا اقتداري دور اڌائي لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ ميهڙ شهر پيئڻ جي مٺي ۽ صاف پاڻي جي سهولت کان محروم آهي. ميهڙ شهر کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪندڙ منصوبي واٽر سپلاءِ اسڪيم جو منصوبو گذريل 15 سالن کان رولڙي جو شڪار آهي پ پ پ حڪومت جا گذريل 3 حڪومتي دور شهر جي واحد اسڪيم کي بحال ڪري ناهي سگهيا. شهر کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪندڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم لاءِ هڪ ارب روپيا جاري ڪرڻ باوجود واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مرمت گذريل 20 سالن ۾ مڪمل ناهي ٿي سگهي.

بقايا *** 01

اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير فواد چوڌري خلاف جهلم ۾ تعميراتي منصوبن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ اڳوڻي وزير کي نيب طرفان 10 ڏينهن جو جسماني رمانڊ مڪمل ٿيڻ تي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. جڏهن تہ فواد چوڌري طرفان سندس وڪيل پيش ٿيو. فيصل چوڌري دليل پيش ڪيا. ٻڌڻي دوران نيب پراسيڪيوٽر چيو تہ اڳ 14 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي درخواست ڪئي وئي هئي پر 10 ڏينهن جو جسماني رمانڊ حاصل ڪيو ويو. بينڪنگ رڪارڊ جي درخواست ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ فراڊ جو شڪ آهي. ٺيڪيدار کي بہ طلب ڪيو ويو آهي. نيب پراسيڪيوٽر چيو تہ فواد چوڌري جي نالي تي 16 مان 8 ڪنال زمين ڏني وئي. فواد چوڌري جي نالي تي ڪانٽريڪٽر 8 ڪنال زمين ڏني هئي. 2 جنوري تي تعميراتي منصوبن سان لاڳاپيل 2 ماڻهن کي طلب ڪيو ويو هو جوابدار کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، ان ڪري وڌيڪ 10 ڏينهن جو جسماني رمانڊ ڏنو وڃي تہ جيئن جاچ مڪمل ڪري سگهجي. عدالت نيب پراسيڪيوٽر جي جسماني رمانڊ جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا *** 02

ڪيون ويون. صوبي جي مختلف شهرن ۾ دهند جو راڄ برقرار آهي. دهند سبب معمول جي زندگي متاثر ٿي وئي آهي ۽ فلائيٽ آپريشن بہ معمول تي نہ اچي سگهيو آهي. اڄ بہ مختلف ايئرپورٽن تي 8 ملڪي ۽ غير ملڪي اڏامون منسوخ ڪيون ويون آهن ۽ درجنين مسافر متاثر آهن. ان کان علاوه ڪوهيڙي سبب 4 ڏينهن ۾ 100 کان وڌيڪ ملڪي ۽ پرڏيهي اڏامون نہ هلي سگهيون. ايئرپورٽ ذريعن موجب امارات ايئر جي اڏام جيڪا گذريل رات دبئي کان سيالڪوٽ پهتي هئي اها ٻيهر سيالڪوٽ ۾ لينڊ نہ ٿي سگهي ۽ 2 ڏينهن اڳ وانگر دبئي واپس اچي وئي. جڏهن تہ مسقط کان سيالڪوٽ ويندڙ اڏام کي لاهور ۾ اتاريو ويو، ايئرپورٽ ايشن ذريعن موجب ابوظهبي کان لاهور ويندڙ اڏام کي دهند سبب اسلام آباد ڏانهن رخ ڪيو ويو. ايئرپورٽ شيڊول موجب لاهور کان جده، رياض ۽ استنبول ويندڙ اڏامن جي روانگي ۾ بہ دير ٿي. جڏهن تہ دبئي، دوحا ۽ مسقط کان سيالڪوٽ ويندڙ اڏامن جي آمد ۾ بہ غير معمولي دير ٿي. سيالڪوٽ کان دبئي، ملتان کان جده، القاسم، مدينہ ۽ شارجہ، اسلام آباد کان دمام، جده، رياض ۽ دبئي، ڪراچي کان دبئي، مدينہ، ڪولمبو ۽ جده جي روانگي ۾ تہ مختلف اڏامن جي روانگي ۾ بہ دير ٿي وئي آهي. پروازن ۾ پڻ دير ٿي وئي. ايئرپورٽ شيڊول موجب جده کان ڪراچي ايندڙ پي آءِ اي جي اڏام، ڪراچي کان لاهور، اسلام آباد ۽ جده جون اڏامون بہ منسوخ ڪيون ويون.

بقايا *** 03

ڪندڙن سميت 6 ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو آهي. مانسهره مان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 15 تان پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جا نامزدگي ڪاغذ بہ ريٽرننگ آفيسر رد ڪري ڇڏيا. اعظم خان سواتي اين اي 15 مانسهره تان مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نوازشريف جي مقابلي ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. اعظم سواتي جي وڪيل سهيل سواتي صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو تہ اعظم خان سواتي جي نامزدگي ڪاغذن کي ڪوڙي صحيح ۽ اشتهاري هجڻ جي آڌار تي رد ڪيو ويو. ريٽرننگ آفيسر جي فيصلي خلاف اليڪشن ٽربيونل سان رابطو ڪنداسين. نوازشريف جي وڪيل جهانگير جدون چيو تہ اعظم سواتي جي نامزدگي ڪاغذن جي رد ٿيڻ جو فيصلو ميرٽ تي ٿيو چونڊ وڙهندڙ اميدوار جو ملڪ ۾ هجڻ ضروري آهي. اسان ايستائين چيو تہ اعظم سواتي حاضر ٿي وڃي، اعتراض واپس وٺي ڇڏينداسين. ٻئي طرف مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جا نامزدگي ڪاغذ لاهور ۽ سرگودها جي سمورن تڪن تان منظور ڪيا ويا. مريم نواز پنجاب اسيمبلي جي لاهور مان 3 تڪن پي پي 159، پي پي 160 ۽ پي پي 165 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. جڏهن تہ مريم نواز پنجاب اسيمبلي ۾ سرگودها جي هڪ تڪ پي پي 80 تان بہ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. مريم نواز جي ترجمان چيو تہ پارٽي جن تڪن تان فيصلو ڪندي مريم نواز اتان کان چونڊن ۾ حصو وٺندي. هوڏانهن سيالڪوٽ کان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 70 تان عثمان ڊار جي والده ريحانہ ڊار ۽ عمر ڊار جي گهرواري اروبا ڊار جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن شاھ محمود قريشي سميت وڌيڪ 3 اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن جي نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. اين اي 214 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي ۽ سندس پٽ زين الدين قريشي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. اين اي 214 تي ٻنهي ريٽرننگ آفيسرن نامزدگي فارم مختلف ڪيسز ۾ پيش نہ ٿيڻ سبب رد ڪيا. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سردار حسنين بهادر خان دريشڪ جا بہ تڪ 294 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. سردار حسنين بهادر تي ايف آءِ آر داخل هجڻ سبب سندس نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي وفاقي وزير علي محمد خان جا بہ نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. علي محمد خان اين اي 23 تي چونڊ وڙهڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا.

بقايا *** 04

۽ سيڪيورٽي جي خلاف تعصب تي ٻڌل راءِ جي عڪاسي نہ ڪندي. اهڙا بيان يا الزام جن سان قومي اتحاد يا امن امان جي صورتحال کي خطرو هجي ان کي نشر نہ ڪيو ويندو. اليڪشن ڪميشن جي ضابط اخلاق ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ ميڊيا تي نشر ٿيندڙ خبرن ۾ ڪوبہ اهڙو مواد شامل نہ هوندو جيڪو ڪنهن بہ اميدوار، سياسي پارٽي يا مذهب ۽ برادري جي بنياد تي ذاتي حملو هجي. ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هڪ اميدوار جي ٻئي اميدوار تي لڳايل الزامن تي ٻنهي طرف جي بيان جي تصديق ڪئي ويندي.

بقايا *** 05

جي پرواھ ڪئي. سنڌس چوڻ هو تہ ڪستو اڃا تائين اسان جي هٿن ۾ آهي، پاڙيسري ملڪ اڳتي نڪري ويا آهن. اهو پاڪستان ناهي، جنهن لاءِ اسان آزادي حاصل ڪئي هئي. جيڪڏهن توهان جي ووٽ سان نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيو تہ واعدو آهي رات ڏينهن هڪ ڪنداسين. ملڪ جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏينداسين.

بقايا *** 06

بورڊ جي اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو تہ نوازشريف ۽ شهبازشريف جي ٿورائتي آهيان. جن پارٽي کي منظم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو هن چيو ڪڏهن تہ سوچيو هو تہ سياست ۾ اينديس. 2011 ۾ سوشل ميڊيا تان شروعات ٿي. جيتري محنت ڪري سگهيس ڪئي. پوءِ پاناما آيو ۽ سازش شروع ٿي. توهان سان ظلم ۽ زيادتي ٿي تہ ميدان ۾ اچي ويس. سنڌس چوڻ هو تہ نوازشريف جي واپسي تي 21 اڪتوبر تي ماڻهن جو جذبو ڏٺو ن ليگ جا ڪر ڪڏي ڇڏيو تہ پاڪستان ۾ ڪندرن ڪانسواءِ ڪجھ ناهي.

بقايا *** 07

جي اڳوڻي اڳواڻ عثمان ڊار جي والده جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. ريٽرننگ آفيسر اين اي 70 سيالڪوٽ تان عثمان ڊار جي ماءُ ريحانہ ڊار جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا. جڏهن تہ اين اي 71 سيالڪوٽ تان عمر ڊار جي گهرواري عروبہ ڊار جا بہ نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا.. آر او سوشل سيڪيورٽي بقايا ادا نہ ڪرڻ ۽ اثاثا ظاهر نہ ڪرڻ تي ٻنهي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 08

۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جي ڪنوينشن ۾ ميمڻ برادري جي معززن پاران ڪيو ويو. جنهن بعد سنڌ ميمڻ اتحاد جي مرڪزي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سنڌ ميمڻ اتحاد جي چيئرمين شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ميمڻ برادري جا ماڻهو ننڍڙا ٽڪرا نہ آهن. چاڪاڻ تہ هاڻي سنڌ ميمڻ اتحاد جو قيام ٿي چڪو آهي ۽ الله جي مدد سان ڪنهن بہ ميمڻ سان هاڻي زيادتي يا ناانصافي ٿيڻ نہ ڏينداسين ۽ ميمڻ برادري جي حقن جي حاصلات لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي. ميمڻ جا ڏٺي سائين آهن. منهنجي ڪوشش هوندي تہ وڌ کان وڌ ماڻهن جي خدمت ڪريون. ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت سڄي سنڌ جي ميمڻ برادري پڙهيل لکيل برادري آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ملڪ ۾ ميمڻ جون مختلف ڪميونٽيون آهن پر اسان ورهايل جام آهيون. فلاحي ڪمن لاءِ ٿوري محنت ڪجي تہ ڪم ٿي سگهن ٿا. هن چيو تہ جنهن وقت مون وٽ ميمڻ ڪميونٽي جا ماڻهو آيا انهن چيو تہ اوهان ميمڻ تنظيم جا سربراھ ٿيو پر مون انهن کان معذرت ڪئي پر هنن بار بار چيو. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ مان چوان ٿو تہ ننڍڙڪو ڪير نہ ٿئي. ڪجھ دوستن سان ڳالھ ٿي متفق ٿياسين. اڄ هتي ڪراچي جي ميمڻ پاڙي جا ماڻهو بہ موجود آهي. ان ٿوري ڪوشش ۾ ئي وڏيون ميمڻ ڪميونٽيون هڪڙي پليٽ فارم تي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ متحد آهن. هن چيو تہ حڪومت مسئلا حل ڪري بہ ٿي پر سڀ مسئلا حڪومتن جي مٿان نہ مڙهيا وڃن. اسان تي فرض آهي تہ ميمڻ ڪميونٽي جي ٻارن کي هنر سيکارجي. هن چيو تہ اسان پنهنجو رول ڪيئن پيدا ڪريون. اسان هاڻي هنري سکيا جا مرڪز سڄي سنڌ جي اندر کولڻ وڃي رهيا آهيون تہ جيئن اتي رهندڙ نوجوان پنهنجو ڪاروبار پاڻ کولي سگهن. هن چيو تہ حڪومت سنڌ سان ميمڻ اتحاد سان پبلڪ پارٽنر جي تحت ڪم ڪري سگهون. هن چيو تہ مان هتي سٺن سالن کان پنهنجي والد جي نالي سان ايمبولينس سروس هلايان پيو. ڪالھ مون دوستن کي ٻڌايو تہ حڪومت سنڌ جي تعاون سان هتي 14 هزار گهر ٺهي رهيا آهن. هي غير سياسي جماعت آهي پر حڪومتن سان گڏجي اسان هن ملڪ جي خدمت ڪري سگهون ٿا. شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ منهنجو سياسي تعلق پيپلز پارٽي سان آهي، آخري دم تائين ان سان تعلق رهندو. ميمڻ شريف ضرور آهن پر مسڪين بہ يتيم تہ آهن. ڪڏهن بہ ڪنهن سان نہ زيادتي ڪبي نہ ٿي ڪرڻ ڏينداسين. ميمڻ جا ڏٺي سائين آهن، هاڻي ميمڻ جي پٺ مضبوط آهي. هن چيو تہ منهنجي ڪوشش هوندي تہ وڌ کان وڌ ماڻهن جي خدمت ڪريون. اسان هن ملڪ ۽ صوبي سان گڏ پنهنجي ٻچن جي لاءِ ڪجھ ڪري وڃون. هن چيو تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد سميت سڄي سنڌ جي ميمڻ برادري جيڪا پڙهيل لکيل برادري آهي. ڇهن مهينن جي اندر اوهان کي واضع فرق ايندو. هرشي ۾ الله سائين ايتري طاقت ڏني آهي تہ جيئن گڏجي ڪري خدمت ڪري سگهون ٿا. ڪنونشن ۾ حاجي نثار ميمڻ سپرير ڪائونسل شرجيل ڪاناٽي قمر زمان ڏيپلائي کي سپرير ڪائونسل جڏهن تہ سجاد امداد ميمڻ، جگنو سردار اياز ميمڻ ،اسلم ميمڻ، نياز ميمڻ ، اوڪاش ميمڻ ۽ اسد گهانگرا ۽ ٻين کي سينٽرل آرگنائيزنگ ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

بقايا *** 09

مشاورت ڪئي جيڪا مڪمل ٿي وئي آهي. مشاورت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اليڪشن ڪميشن پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن ٻڌايو آهي تہ جيڪڏهن پشاور هاءِ ڪورٽ انٽراڪورٽ اپيل تي رليف نہ ڏنو تہ پوءِ ٻئي مرحلي ۾ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪيو ويندو. ياد رهي تہ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏيندي بيٽ جو نشان واپس وٺي ڇڏيو هو جنهن کان پوءِ تحريڪ انصاف اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو هو. پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي فيصلي کي 11 جنوري تائين ملتوي ڪندي بيٽ جو چونڊ نشان بحال ڪري ڇڏيو هو.

بقايا *** 10

تحت نظربندي خلاف داخل درخواستن تي حڪم جاري ڪندي وفاقي حڪومت کي اسلام آباد جي حدن اندر صوبائي اختيارن لاءِ 3 مهينن اندر قانون سازي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جسٽس بابر ستار 82 صفحن تي ٻڌل آرڊر جاري ڪندي چيو تہ ايم پي او جي سيڪشن 2 ۽ 3 آئين جي آرٽيڪل 4 ۽ 10 جي صريح خلاف ورزي آهي. فرمان ۾ چيو ويو آهي تہ اسلام آباد جي چيف ڪمشنر کي صوبائي حڪومت جا اختيار ڏيڻ وارا سمورا صدارتي حڪم ۽ نوٽيفڪيشن ڪالعدم آهن. فرمان ۾ چيو ويو آهي تہ آئين تحت اسلام آباد ۾ لاڳو وفاقي ۽ صوبائي قانون بابت وفاقي حڪومت کي انفرادي اختيار حاصل آهن. اسلام آباد لاءِ وفاقي حڪومت وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو ڪردار ادا ڪندي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو آهي تہ اسلام آباد ۾ قانون تحت ڪوبہ فيصلو يا اختيار وفاقي ڪابينا جي سهڪار سان ٿي ٿي سگهي ٿو آئين جي آرٽيڪل ون. 2. بي تحت اسلام آباد وفاقي گادي جو هنڌ آهي ۽ ڪنهن صوبي جو حصو ناهي. 1980 جو صدارتي آرڊر 18 ضياءالحق جاري ڪيو هو فيصلي ۾ چيو ويو آهي تہ ضياءالحق 1977ع ۾ آئين جي ڀڃڪڙي ڪندي مارشل لا لاڳو ڪيو ۽ رياست جا اختيار ڪسيا. 1980 جو صدارتي آرڊر 18، 1987 جو صدارتي آرڊر 2 ۽ 1990 جو صدارتي آرڊر 2، 20 هين اسڪيل جي چيف ڪمشنر کي هڪ شخص واري صوبائي حڪومت بڻائي ٿو فرمان ۾ چيو ويو آهي تہ وفاقي راڄڌاني جي چيف ڪمشنر کي صوبائي حڪومت جا اختيار ڏيڻ وارا سمورا صدارتي حڪم ۽ نوٽيفڪيشن غير آئيني آهن. آئين جي آرٽيڪل 99 تحت وفاقي حڪومت کي اسلام آباد ۾ صوبائي حڪومتن جي اختيارن جي استعمال لاءِ ضابطا ۽ ضابطا ناهڻ گهرجن. وفاقي حڪومت 3 مهينن ۾ اسلام آباد جي حدن اندر صوبائي حڪومت جا اختيار استعمال ڪرڻ بابت ضابطا ناهي. سپريم ڪورٽ چيو آهي تہ رولز آف بزنس ناهڻ دوران اسلام آباد ۾ صوبائي حڪومت جا اختيار صرف وفاقي ڪابينا استعمال ڪري سگهندي. عدالتي اختيار تہ هجڻ سبب نظربندي جا سمورا حڪم رد ڪيا ويا آهن. چيف ڪمشنر پاران 10 مئي 1992ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کي 3 ايم پي اوز جا اختيار ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي ڏيڻ جي حوالي سان پڻ رد ڪيا ويا آهن. فيصلي ۾ چيو ويو تہ ڪمشنر اسلام آباد مئي ۾ پي ٽي آءِ خلاف ٿي درجن جي ايم پي او آرڊر جاري ڪيا. اسلام آباد ۾ صوبائي حڪومت جا اختيار صرف وفاقي حڪومت ڏئي سگهي ٿي. نظربندي جي حڪم جي درخواست کي قبول يا رد ڪرڻ جو فيصلو صوبائي حڪومت جي اطمينان تي ٻڌل آهي. نظربندي لاءِ ڪنهن شخص جي درخواست کي قبول يا رد ڪرڻ جو اختيار ڪنهن هڪ شخص کي نہ ٿو ڏئي سگهجي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ فيصلي ۾ چيو تہ ايم پي او جي سيڪشن 3، 2 ۾ امن امان کي نقصان پهچائڻ جي خدشي جي بنياد تي ڪنهن بہ شخص جي گرفتاري جو ذڪر آهي. آئين جي آرٽيڪل 10، 4 ۾ چيو ويو آهي تہ ڪو بہ قانون ان وقت تائين نافذ نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين قانون ۽ حڪم جي خلاف ڪم عمل نہ هجي. ڪنهن شخص کي رڳو ان شڪ ۾ گرفتار ڪرڻ غير آئيني آهي تہ هو مستقبل ۾ امن لاءِ خطرو بڻجندو آرڊر ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ ناڪافي مواد جي موجودگي ۾ ڪنهن شخص جي گرفتاري جا حڪم جاري ڪرڻ اختيارن جو غلط استعمال آهي. ڊپٽي ڪمشنر پاران جاري ڪيل نظربندي آرڊر خلاف 5 درخواستون منظور ڪيون ويون جڏهن تہ هڪ درخواست اڪلائي وئي. حڪم تي عملدرآمد لاءِ فيصلي جي ڪاپي سيڪريٽري ڪيبينيٽ ڊويزن کي موڪلي وڃي.

بقايا *** 11

هڪ بنيادي شرط کي پورو ڪري ڇڏيو آهي هلندڙ مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن دوران انڪم ٽيڪس 730 ارب روپيہ اضافي سان گڏ 2.13 هزار ارب روپيہ وصول ڪيا ويا جيڪو حدف کان بہ 335 ارب روپيہ وڌيڪ آهي. سيلز ٽيڪس 20 سيڪڙو اضافي سان گڏ 1.5 هزار ارب روپيہ جمع ڪيو ويو جيڪو مقرر حدف کان 220 ارب روپيہ گهٽ آهي. جنهن جو بنيادي سبب امپورٽس ۾ گهٽتائي رهي. فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 65 سيڪڙو اضافي سان گڏ 265 ارب روپيہ جمع ٿيا جيڪو گذريل مالي سال 105 ارب روپيہ هو ڪسٽم ڊيوٽي جي مد ۾ 540 ارب روپيہ جمع ڪيا ويا جيڪي مقرر حدف کان 100 ارب روپيہ گهٽ آهن. ان دوران ايف بي آر کي 3.6 ملين انڪم ٽيڪس ريٽرن موصول ٿيا. جڏهن تہ آءِ ايم ايف جي شرط کي پورو ڪرڻ لاءِ اهو تعداد جون 2024 تائين وڌائي 6.5 ملين ڪرڻي آهي. ايف بي آر جي چيئرمين ملڪ امجد زبير ٽوانہ ان حوالي سان چيو تہ ايف بي آر ايندڙ مهيني هڪ نئون سرڪيولر جاري ڪندو جنهن ۾ انهن ماڻهن جا نالا هوندا، ريٽرن جمع نہ ڪرائڻ تي انهن جا بجلي، گيس ۽ موبائيل فون جا ڪنيڪشن بند ڪيا ويندا ايف بي آر طرفان خبردار ڪيو ويو آهي تہ 28 ڊسمبر تائين ريٽرن جمع نہ ڪرائيندڙن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ياد رهي تہ ٽيڪس ايئر 2022 جي دوران 5.3 ملين ماڻهن پنهنجا ساليانا انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع ڪرايا هئا. جن مان هر چئن مان هڪ فائلر زيرو ٽيڪس جمع ڪرايو هو.

بقايا *** 12

ڪان بچايو. سياست تہ رياست جي پرواھ ڪئي. سنڌس چوڻ هو تہ ڪستو اڃا تائين اسان جي هٿن ۾ آهي. پاڙيسري ملڪ اڳتي نڪري ويا آهن. اهو پاڪستان ناهي. جنهن لاءِ اسان آزادي حاصل ڪئي هئي. جيڪڏهن توهان جي ووٽ ان نواز شريف چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيو تہ واعدو آهي رات ڏينهن هڪ ڪنداسين. ملڪ جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏينداسين.

بقايا *** 13

جي نمائش تي پابندي لڳائي وئي آهي ان سلسلي ۾ ڪمشنر ڪراچي پاران نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو. پابندي 31 ڊسمبر کان پهرين جنوري تائين لاڳو هوندي ڪمشنر ڪراچي محمد سليم راجپوت چيو آهي تہ اسان کي شهرين جي جان ۽ مال جو هر صورت ۾ تحفظ ڪرڻو آهي.

بقايا *** 14

ڪنهن کي بيگناھ يا چڱا مڙس چئو تہ ڪو اعتراض ناهي، 9 مئي تي ملڪ جي استحڪام ۽ رياستي ادارن کي نقصان پهچايو ويو سندس چوڻ آهي تہ مقبوليت جو اندازو هڪ دهشتگرد جي فالورز جو تعداد هجڻ گهرجي. نواز شريف جا پيروڪار رياستي ادارن کي حملي آورن کان بچائيندا. اسان جلسا ڪري رهيا آهيون پر سوشل ميڊيا تي ڪا بي مهر هلي رهي آهي، مسلم ليگ ن جي اڳواڻ چيو تہ سوشل ميڊيا تي مون تي حملو ڪيو ويو پر سان اوهان جي سامهون بيٺو آهيان. ڇا اوهان ماڻهن کي سوشل ميڊيا تي مهر هلائڻ جو موقعو ڏيندا؟ جاويد لطيف اهو بہ چيو تہ اهي توهان جي ۽ منهنجي پئسي سان ادا ڪيا ويا. اڄ ڪتنان ڪان ادا ڪيا پيا وڃن. هي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ان وقت پاڪستان خلاف ڪم ڪندا هئا. اڄ اهي ئي ماڻهو سوشل ميڊيا تي پيدا ڪري رهيا آهيون. هڪ روايت آهي تہ اها مشهور آهي. اها غير مقبول آهي. اسان ريليون ڪڍي رهيا آهيون ۽ سوشل ميڊيا تي مهر هلي رهي آهي.

بقايا *** 15

جاري ڪري ڇڏيو. جنهن موجب سياري جون موڪلون 9 جنوري تائين هونديون، نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي تہ سڄي صوبي جا سرڪاري ۽ نجي اسڪول 10 جنوري تي کلندا ياد رهي تہ پنجاب جي اسڪولن ۾ سياري جون موڪلون پهرين جنوري تي ختم ٿيڻيون هيون.

بقايا *** 16

تان نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا، خضدار مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 256 تان اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا. آر او موجب بلوچستان اسيمبلي جي سيٽ پي بي 20 خضدار مان بہ اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿيا آهن آر او ٻڌايو تہ اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ اقامي سبب رد ڪيا ويا. هوڏانهن ڪوئيٽہ مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 264 مان بہ سردار اختر مينگل جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا. ريٽرننگ آفيسر ٻڌايو تہ اختر مينگل وٽ گڏيل عرب امارتن جو اقامو هجڻ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا.

بقايا *** 17

دمشق انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي هوائي حملو ڪيو جنهن ۾ ايراني پاسداران انقلاب جا 11 اهلڪار مارجي ويا. عرب ميڊيا موجب اسرائيلي حملي ۾ نشانو بڻيل ميمبر اوڀر شام ۾ ايراني فورسز جي سارسنيال جا ذميوار هئا ۽ حملي وقت سينيئر وفد جي استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي موجود هئا. ٻئي طرف ايراني انقلابي گارڊ عرب ميڊيا جي ان دعوي کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو آهي. ان کان اڳ، شام جي رياستي ميڊيا ۽ دفاع واري وزارت اوڀر شام ۾ دمشق جي ويجهو اسرائيلي حملي جي خبر ڏني. ان کان علاوه اسرائيل طرفان دمشق ايئرپورٽ تي حملي جي حوالي سان ڪوبہ بيان جاري نہ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ اسرائيل هڪ بيان ۾ چيو آهي تہ هو پنهنجي سڀ کان وڏي دشمن ايران کي ملڪ ۾ صدر بشار الاسد جي موجودگي کي ڏکهو ڪرڻ چاهي ٿو حڪومت جي مدد جي اجازت ڏيوان حوالي سان شام ۾ ڪم ڪندڙ انساني حقن جي تنظيم جو چوڻ آهي تہ اسرائيل پنهنجي حملن ۾ شام جي هوائي دفاع کي نشانو بڻائي رهيو آهي، جيڪي ملڪ جي ڏاکڻي صوبي ۾ واقع آهن.

بقايا *** 18

جي هيڊ ڪوارٽر ٻنهي آفيسرن کي رينڪ لڳايا. منور علي مهر 1987 ۾ اسلام آباد پوليس ۾ اي ايس آءِ ڀرتي ٿيو هو ۽ پهريون نان سي ايس پي سنڌي ايس پي آهي جنهن سپرنٽنڊنٽ پوليس يعني ايس پي جي عهدي تي ترقي ماڻي آهي. منور علي مهر اصل ۾ شڪارپور جي شهر عبدو جو آهي. هو 10 سال اسلام آباد جي مختلف ٿاڻن تي ايس ايچ او رهيو ۽ بهارا ڪهو سميت مختلف سب ڊويزنن ۾ ايس ڊي پي او يعني ڊي ايس پي رهيو. منور مهر اڄڪلھ چيف اليڪشن ڪمشنر جو چيف سيڪيورٽي آفيسر آهي. هن کان اڳ ياسين ڪلوڙ اسلام آباد پوليس ۾ ڊي ايس پي جي عهدي تي پهتو هو.

بقايا *** 19

منظور پشتين کي 2 ڏينهن جو جسماني رمانڊ مڪمل ڪرڻ بعد عدالت ۾ پيش ڪيو. ٻڌڻي دوران پوليس منظور پشتين جي وڌيڪ جسماني رمانڊ جي درخواست ڪئي جڏهن تہ جوابدار جي وڪيل ضمانت جي درخواست داخل ڪئي. عدالت پوليس جي جسماني رمانڊ جي درخواست رد ڪندي منظور پشتين کي جوڊيشل رمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو. ضمانت واري درخواست تي ڌرين کي 2 جنوري لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 20

ناهي. 2018 جي اليڪشن ۾ زرداري کي سنڌ پليٽ ۾ رکي ڏني وئي. اياز لطيف پليجو پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ پيپلز پارٽي جي 15 سالن جي حڪومت سنڌ کي ترقي بدران ڪرپشن، منشيات، بدامني ۽ لاقانونيت ذريعي تباھ ۽ برباد ڪري ڇڏيو سنڌي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ بدران کين پنڻ تي مجبور ڪيو ويو هن چيو تہ پنهنجي جائز مطالبن لاءِ احتجاج ڪندڙ استادن، شاگردن، ليڊي هيلٿ ورڪرز، نرسن، ڊاڪٽرن، آبادگارن سميت سرڪاري ملازمن کي ڪراچي جي رستن تي تشدد جو نشانو بڻايو ويو اياز لطيف پليجو جو چوڻ هو تہ سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن کي تيل وال ڪيو ويو اقتدار جي لالچ ۾ سنڌ جي وحدت کي داءَ تي لڳايو. مهانگائي جو طوفان برپا ڪيو. هاري، مزدور ۽ غريب سوين ماڻهن آپگهات ڪيو سندس چوڻ هو تہ سنڌ جو عوام 2024 جي اليڪشن ۾ ڪرپٽ زرداري مافيا کي رد ڪري ڇڏيندو. اقتدار کان اڳ ۾ نمائشي طور عوام جي حقن جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون پر اقتدار ملڻ کانپوءِ حڪمرانن کي عوام ياد نہ هوندو آهي. اياز لطيف پليجي چيو سڄي سنڌ بدامني جي باھ ۾ سڙي رهي آهي شهرن ۽ ڳوٺن جا روڊ رستا ڌاڙيلن جي حوالي ٿيل آهن. پوليس ڌاڙيلن اڳيان بيوس لڳي پئي آهي. سنڌ جو هاري، مزدور ۽ غريب عوام مسئلن جي دلدل ۾ ڦاٿل آهي سنڌ جون ڀهراڙيون بنيادي انساني حقن، تعليم ۽ صحت جي سهولتن کان محروم آهن.

بقايا *** 21

ڪاغذ منظور ڪيا ويا. جڏهن تہ پيپلز پارٽي جي عورت اڳواڻ ۽ آصف زرداري جي ڀيڻ فريال ٽالپر جا صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي ايس 10 تان نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا. ان کان علاوه لاڙڪاڻي جي ئي تڪ اين اي 194 تان جي يو آءِ جي راشد محمود ۽ 196 تان جي يو آءِ جي ناصر محمود جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا جن جو ب جو ب جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان چونڊن ۾ مقابلو ٿيندو هوڏانهن لاڙڪاڻو مان ئي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي ايس 11 ۽ پي ايس 12 تان جي ڊي اي جي اميدوار معظم عباسي جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا جڏهن تہ تڪ اين اين 195 تان جي ڊي اي جي صفدر عباسي جي نامزدگي ڪاغذ منظور ٿي ويا آهن ٻئي طرف بدين تان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 223 تان جي ڊي اي جي اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر فهميده مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا جڏهن تہ سندس مڙس ذوالفقار مرزا ۽ سندن پٽ حسام مرزا جا اين اي 223 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. بدين جي تڪ اين اي 223 تان پيپلز پارٽي جو اميدوار رسول بخش چانڊيو آهي.

بقايا *** 22

رپورٽ موجب گڏيل قومن جي ورلڊ ٽوورزم آرگنائزيشن پاران شايعڪيل ورلڊ ٽوورزم بيرومينٽر جي رپورٽ ۾ سياحت جي شعبي ۾ پاڪستان جي شاندار ڪارڪردگي جو اعتراف ڪيو آهي. رپورٽ موجب 2023ع ۾ پهرين 9 مهينن دوران پاڪستان سياحت جي لحاظ سان بهترين ملڪ بڻجي ويو آهي. هلندڙ سال ملڪ ۾ پرڏيهي سياحن ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 115 سيڪڙو غير معمولي اضافو ڏٺو ويو.

بقايا *** 23

ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي موجب سائنس گروپ ۾ هڪ لک 61 هزار 929 اميدوارن امتحانن ۾ حصو ورتو ۽ ڪاميابي جي شرح 69.9 سيڪڙو رهي. جنرل گروپ ريگيولر ۽ پرائيويٽ ۾ 16 هزار 746 اميدوارن امتحانن ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ 48.68 سيڪڙو شاگردن ڪاميابي حاصل ڪئي. ثانوي بورڊ موجب غير حاضر شاگردن جو انگ 6 هزار 390 رهيو، جڏهن تہ سڀني پرچن ۾ ڪامياب شاگردن جو انگ هڪ لک 13 هزار 186 آهي. جنهن سان مجموعي طور ڪاميابي جي شرح 69.9 سيڪڙو رهي.

بقايا *** 24

وئي. پوليس جو چوڻ آهي تہ باهہ فوري طور تي گهر کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ فائر برگيڊ جون گاڏيون موقعي تي پهچي ويون. فائر برگيڊ عملي پهچي باهہ تي ضابطو آندو ۽ گهر مان 3 ڄڻن جا سڙيل لاش ڪڍيا. پوليس موجب سڙي فوت ٿيلن ۾ 2 عورتون ۽ هڪ مرد شامل آهن. جن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو. جڏهن تہ گهر ۾ باهہ لڳڻ جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو آهي.

بقايا *** 25

سان 2 لک 20 هزار تي ويو سون جي 10 گرام جي قيمت ۾ 771 روپين جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي جنهن کانپوءِ اها 1 لک 88 هزار 615 روپيا ٿي وئي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهہ 8 ڊالرن جي گهٽتائي سان 2 هزار 82 ڊالر في اونس تي پهچي ويو. چاندي جو اگهہ 2 هزار 680 روپيا في اونس تي مستحڪم رهيو واضح رهي تہ مئي 2023ع ۾ سون جو في تولو 10 گرام اگهہ 2 لک 40 هزار ۽ 2 لک 5 هزار 761 روپين جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو هو.

بقايا *** 26

هاڻي ٻئي شهر ۾ رهن ٿا اهي موجوده پتو تبديل ڪرڻ لاءِ سولائي سان درخواست ڏئي سگهن ٿا. نادرا اعلان ڪيو آهي تہ پتو تبديل ڪرائڻ لاءِ ڪرايو نامو ان پتي تي پنهنجيا ڪٽنب جي ڪنهن فرد جي نالي تي بل. يا پتي تي ڪٽنب جي ڪنهن فرد جو سڃاڻپ ڪارڊ ڪٽي اچو ۽ پتو تبديل ڪرايو ان بابت وڌيڪ ڄاڻ رهبر موبائيل ايپ تان وٺي سگهجي ٿي.

بقايا *** 27

. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو چوڻ آهي تہ ٻنهي سياسي اڳواڻن لاءِ سڪيورٽي خطرا پيدا ٿي ويا آهن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو چوڻ آهي تہ مولانا فضل الرحمان ۽ ايمن ولي خان کي سڪيورٽي جا وڌيڪ فول پروف قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 28

ڄڻا قتل ٿي چڪا آهن خوني تڪرار هڪ سال اڳ موٽرسائيڪل قرض جي معاملي تان شروع ٿيو هو.

بقايا *** 29

بعد هن وقت تائين مجموعي طور 4 لک 53 هزار 480 افغان شهري پنهنجي ملڪ وڃي چڪا آهن سرڪاري انگن اکرن موجب، 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ هڪ هزار 207 غيرقانوني طور ترسيل افغان شهري پنهنجي ملڪ هليا ويا، واپس ويندڙن ۾ 374 مرد، 319 عورتون ۽ 514 ٻارڙا شامل آهن افغانستان روانگي لاءِ 112 گاڏين ۾ 131 خاندانن جي وطن واپسي عمل ۾ آندي وئي، وفاقي حڪومت جي اعلان کان اڳ غيرقانوني افغان شهري گهٽي انگ ۾ گرفتاري جي خوف کان واپس افغانستان ويندا رهيا جڏهن تہ سرڪاري انگن اکرن موجب هن وقت تائين مجموعي طور 4 لک 52 هزار 273 افغان شهري پنهنجي ملڪ وڃي چڪا آهن ڪراچي سميت ٻين شهرن ۾ غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو جنهن سبب سمگلنگ ۽ ڀتاخوري سميت ٻيا سنگين ڏوھ عام هئا جڏهن تہ حڪومت ۽ عسڪري قيادت جي گڏيل ڪوشش سان ملڪ مان غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن جي نيڪالي جو سلسلو جاري آهي ..

بقايا *** 30

فارم رد ٿي ويو ريٽرننگ آفيسر پ پ جي مقامي اڳواڻ پاران داخل ڪرايل اعتراضن تي فيصلو محفوظ ڪيو هو پ پ اڳواڻ پاران داخل ڪرايل اعتراضن ۾ چيو ويو هو تہ محمد خان جوڻيجو جعلي ڊگري ڪيس ۾ نااهل ٿيل آهي، تنهن ڪري سندس نامزدگي فارم رد ڪيا وڃن محمد خان جوڻيجو ڪجھ ڏينهن اڳ پيپلزپارٽي ڇڏي ننڪشنل ليگ ۾ شامل ٿيو هو. محمد خان جوڻيجو سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيري شاهنواز جوڻيجو جو پٽ آهي محمد خان جي پيپلزپارٽي ۾ شموليت بعد سندس ڀاءُ روشن جوڻيجو پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تان ايم اين اي چونڊيو هو.

بقايا *** 31

جي اثاثن ۽ نامزدگي ڪاغذن جا تفصيل حاصل ڪري ورتا آهن. دستاويزن موجب پي ٽي آءِ جي باني جي اثاثن جي ماليت 2018 ۾ 3 ڪروڙ 86 لک 94 هزار رپيا هئي، جڏهن تہ ماليت 2023ع ۾ 31 ڪروڙ 59 لک 50 هزار رپين کان وڌيڪ جا اثاثا هئا. پي ٽي آءِ باني لاهور زمان پارڪ ۾ 7 ڪنال 8 مرلہ جو گهر ظاهر ڪيو. جنهن جي تعمير جي لاڳت 4 ڪروڙ 86 لک رپين کان وڌيڪ آهي. دستاويز ۾ چيو ويو آهي تہ بني گالا ۾ 300 ڪنال زمين تحفي ۾ قرار ڏني وئي، جنهن جي مرمت ۽ ريگولرائيزيشن تي 39 لک رپين کان وڌيڪ خرچ آيو عمران خان اسلام آباد جي علائقي مهرا نور ۾ 5 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي 6 ڪنال 16 مرلا زمين، شاپنگ پلازه ۾ 12 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي هڪ دڪان ۽ اسلام آباد پلازه ۾ 34 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي 2 ڪمرن جو گهر خريد ڪيو. قلت بہ ڏيکاريو آهي. ان کان علاوه پکر ۾ 188 ڪنال وارثن جي زمين پڻ دستاويزن ۾ ظاهر ڪئي وئي آهي. پي ٽي آءِ جي باني اسلام آباد جي مختلف بئنڪ اڪائونٽس ۾ 3 ڪروڙ 15 لک کان وڌيڪ نقد ۽ 6 ڪروڙ کان وڌيڪ رقم موجود آهي. توشہ خاني مان خريد ڪيل قيمتي سامان جي ماليت 1 ڪروڙ 18 لک 77 هزار کان وڌيڪ هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. عمران خان 2021ع ۾ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) کي 14.1 ملين رپين کان وڌيڪ جا اثاثا ظاهر ڪيا هئا. 2022ع ۾ اثاثن جي ماليت 32 ڪروڙ رپين کان وڌي وئي، ايف بي آر سرٽيفڪيٽ موجب پي ٽي آءِ جي باني 2023ع ۾ 31.59 ڪروڙ رپين جا اثاثا ظاهر ڪيا. دستاويزن ۾ چيو ويو آهي تہ پي ٽي آءِ باني وٽ هڪ بہ گاڏي ناهي. جڏهن تہ 2 لک رپين جون 4 ٻڪريون بہ آهن پي ٽي آءِ جي باني بشرا بي بي جي پاڪپتن ۽ ديپالپور ۾ 698 ڪنال زمين ظاهر ڪئي آهي. عمران خان جي ڪاغذن ۾ بشرا بي بي جي نالي تي بني گالا ۾ 3 ڪنال گهر جو بہ انڪشاف ٿيو آهي دستاويزن ۾ پي ٽي آءِ جي باني پنهنجي تعليمي قابليت کي پوليٽيڪل سائنس ۾ بي اي ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو آهي، هن پڌرو ڪيو آهي تہ هن پنهنجي موجوده پيشي فلانٿروپسٽ طور ڪئي آهي.

بقايا *** 32

جو طوفان ايندو پاڪستان ۾ لاڳيتو وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاري، سبب ماڻهو خاندانن سميت آپگهات ڪري رهيا آهن. عالمي بئنڪ موجب سڄي دنيا ۾ کائڻ پيئڻ جي شين جي وڌندڙ قيمتن اربين ماڻهن کي وڌيڪ غربت ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ بہ ان مهانگائيءَ، غذائي بحران، حڪومتي نااهلي، ڪرپشن ۽ اشرافيا جي عياشين ڪيترن ئي ماڻهن ماڻهن کان دلي خوشيون ۽ سندن مرڪ کسي ڏک ۽ افلاس جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن جي ڪري عوام ۾ مايوسي ۽ آپگهات جهڙا عمل پيدا ٿي رهيا آهن. برطانيا جي رسالي فنانشل ٽائيمز پنهنجي رسالي ۾ پاڪستان جي ڏيوالي ڏيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. جيڪڏهن هاڪاري قدم نہ کنيا ويا تہ سريلنڪا کان خراب صورتحال کي منهن ڏيڻو پوندو. پاڪستان گڏيل طور تي 600 کرب روپين جو قرضي آهي. ۽ انهن قرضن جي ري شيڊولنگ ۾ شامل شرط مهانگائي ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ڪري رهيا آهن.

بقايا *** 33

ڪندڙن سميت 6 ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو آهي. مانسهره مان قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 15 تان پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي جا نامزدگي ڪاغذ بہ ريٽرننگ آفيسر رد ڪري ڇڏيا. اعظم خان سواتي اين اي 15 مانسهره تان مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ نوازشريف جي مقابلي ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. اعظم سواتي جي وڪيل سهيل سواتي صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو تہ اعظم خان سواتي جي نامزدگي ڪاغذن کي ڪوڙي صحيح ۽ اشتهاري هجڻ جي آڌار تي رد ڪيو ويو. ريٽرننگ آفيسر جي فيصلي خلاف اليڪشن ٽربيونل سان رابطو ڪنداسين. نوازشريف جي وڪيل جهانگير جدون چيو تہ اعظم سواتي جي نامزدگي ڪاغذن جي رد ٿيڻ جو فيصلو ميرٽ تي ٿيو چونڊ وڙهندڙ اميدوار جو ملڪ ۾ هجڻ ضروري آهي. اسان ايستائين چيو تہ اعظم سواتي حاضر ٿي وڃي، اعتراض واپس وٺي ڇڏينداسين. ٻئي طرف مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز جا نامزدگي ڪاغذ لاهور ۽ سرگودها جي سمورن تڪن تان منظور ڪيا ويا. مريم نواز پنجاب اسيمبلي جي لاهور مان 3 تڪن پي پي 159، پي پي 160 ۽ پي پي 165 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. جڏهن تہ مريم نواز پنجاب اسيمبلي ۾ سرگودها جي هڪ تڪ پي پي 80 تان بہ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. مريم نواز جي ترجمان چيو تہ پارٽي جن تڪن تان فيصلو ڪندي مريم نواز اتان کان چونڊن ۾ حصو وٺندي. هوڏانهن سيالڪوٽ کان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 70 تان عثمان ڊار جي والده ريحانہ ڊار ۽ عمر ڊار جي گهرواري اروبا ڊار جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن شاھ محمود قريشي سميت وڌيڪ 3 اڳوڻن اسيمبلي ميمبرن جي نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. اين اي 214 تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاھ محمود قريشي ۽ سندس پٽ زين الدين قريشي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. اين اي 214 تي ٻنهي ريٽرننگ آفيسرن نامزدگي فارم مختلف ڪيسز ۾ پيش نہ ٿيڻ سبب رد ڪيا. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سردار حسنين بهادر خان دريشڪ جا بہ تڪ 294 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. سردار حسنين بهادر تي ايف آءِ آر داخل هجڻ سبب سندس نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا. پي ٽي آءِ جي اڳوڻي وفاقي وزير علي محمد خان جا بہ نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. علي محمد خان اين اي 23 تي چونڊ وڙهڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا.

بقايا *** 34

هڪ بنيادي شرط کي پورو ڪري ڇڏيو آهي هلندڙ مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن دوران انڪم ٽيڪس 730 ارب روپيہ اضافي سان گڏ 2.13 هزار ارب روپيہ وصول ڪيا ويا جيڪو حدف کان بہ 335 ارب روپيہ وڌيڪ آهي. سيلز ٽيڪس 20 سيڪڙو اضافي سان گڏ 1.5 هزار ارب روپيہ جمع ڪيو ويو جيڪو مقرر حدف کان 220 ارب روپيہ گهٽ آهي. جنهن جو بنيادي سبب امپورٽس ۾ گهٽتائي رهي. فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي مد ۾ 65 سيڪڙو اضافي سان گڏ 265 ارب روپيہ جمع ٿيا جيڪو گذريل مالي سال 105 ارب روپيہ هو ڪسٽم ڊيوٽي جي مد ۾ 540 ارب روپيہ جمع ڪيا ويا جيڪي مقرر حدف کان 100 ارب روپيہ گهٽ آهن. ان دوران ايف بي آر کي 3.6 ملين انڪم ٽيڪس ريٽرن موصول ٿيا. جڏهن تہ آءِ ايم ايف جي شرط کي پورو ڪرڻ لاءِ اهو تعداد جون 2024 تائين وڌائي 6.5 ملين ڪرڻي آهي. ايف بي آر جي چيئرمين ملڪ امجد زبير ٽوانہ ان حوالي سان چيو تہ ايف بي آر ايندڙ مهيني هڪ نئون سرڪيولر جاري ڪندو جنهن ۾ انهن ماڻهن جا نالا هوندا، ريٽرن جمع نہ ڪرائڻ تي انهن جا بجلي، گيس ۽ موبائيل فون جا ڪنيڪشن بند ڪيا ويندا ايف بي آر طرفان خبردار ڪيو ويو آهي تہ 28 ڊسمبر تائين ريٽرن جمع نہ ڪرائيندڙن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ياد رهي تہ ٽيڪس ايئر 2022 جي دوران 5.3 ملين ماڻهن پنهنجا ساليانا انڪم ٽيڪس ريٽرن جمع ڪرايا هئا. جن مان هر چئن مان هڪ فائلر زيرو ٽيڪس جمع ڪرايو هو.

بقايا *** 35

ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي موجب سائنس گروپ ۾ هڪ لک 61 هزار 929 اميدوارن امتحانن ۾ حصو ورتو ۽ ڪاميابي جي شرح 69.9 سيڪڙو رهي. جنرل گروپ ريگيولر ۽ پرائيويٽ ۾ 16 هزار 746 اميدوارن امتحانن ۾ شرڪت ڪئي. جنهن ۾ 48.68 سيڪڙو شاگردن ڪاميابي حاصل ڪئي. ثانوي بورڊ موجب غير حاضر شاگردن جو انگ 6 هزار 390 رهيو، جڏهن تہ سڀني پرچن ۾ ڪامياب شاگردن جو انگ هڪ لک 13 هزار 186 آهي. جنهن سان مجموعي طور ڪاميابي جي شرح 69.9 سيڪڙو رهي.

بقايا سنڌيار 01

دادو جي سنڌ تي ڊي ايچ كيو اسپتال اندر احتجاج مظاهرو كيو ويو ڊاكٽرس نرسنگ اسٽاف پيراميڊيكل اسٽاف كلارڪ اسٽاف فارميسي اسٽاف ڊاكٽر الہ بخش كوريجو ڊاكٽر عتيق جانوري ڊاكٽر زبير چنا ڊاكٽر صدام حسين سهاڳ ڊاكٽر محمد بخش بلوچ ڊاكٽر گلزار پنهور امان الله پنهور راجا رفيق پنهور منصور پٽي امتياز چانڊيو ۽ ٻين چيو تہ ڊاكٽر زاهد كهرو كي ظاهر كري هيلٿ ملازمن ۽ ان جي گهر وارن جي بيچيني دور كئي وڃي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو كان پرزور مطالبو تا كريون تہ فوري طور 24 كلاكن جي اندر ڊاكٽر زاهد كهرو كي ظاهر نہ كيو تہ پوري سنڌ جو اسپتالن جو بائيكاٽ كيو ويندو

بقايا سنڌيار 02

سال شخص جو لاش پوليس كي مليو آهي. ڳاڙهو پوليس لاش تحويل ۾ وٺي جاچ جاري كري ڇڏي آهي. جتي فوتي شخص جي وارثن فوتي جي سڃاڻپ اداسي ڳوٺ جي رهواسي پير امير شاهہ طور كئي آهي. فتي شخص جي وارثن موجب فوتي شخص جو دماغي توازن ٺيڪ نہ هو جيكو ٻن ڏينهن كان لاپتا هو. سندس ڳولا كئي پئي وئي تہ سندس لاش سنڌو درياءَ مان مليو آهي. وڌيڪ پوليس جاچ جاري كري ڇڏي آهي

بقايا سنڌيار 03

بيس طبي معاملات تي آگاهي ڏني وئي جن كي سئي ريٽ فوري طور طبي امداد ڏيڻ جي ڄاڻ ڏئي فرسٽ ايڊ بابت ٻڌايو ويو ۽ انهن سمروري ٽريننگ ۾ شريڪ واليئنٽيئرز كي ڊيمو پڻ كرايا ويا ان موقعي تي ڊسٽركٽ هيلٿ كوارڊينيٽر فرحان قريشي ٻڌايو تہ اهڙيون كارآمد ٽريننگ نہ صرف اسان جي واليئنٽيئر لاءِ فائدي مند آهن پر اسان جن علائقن ۾ كم كري رهيا آهيون اتان جي پٽ تي پيل ماڻهن لاءِ بہ لاڀائيتي آهي جو اها رضاكار ۽ ٽيم ٽريننگ حاصل كرڻ بعد پنهنجي پنهنجي فيلڊ ايريا ۾ ڳوٺاڻي سطح تي بہ اهڙي قسم جون ٽريننگ كرائيندا جنهن سان ايمرجنسي جي صورتحال ۾ انساني جانيلن بچائي سگهجن ٿيون ٽريننگ ۾ دادو برانچ جو جنرل سيكريٽري محمود ٻبر، كامران كورائي، عرفان ٻبر پڻ شريڪ ٿيا

بقايا سنڌيار 04

هلائڻ، آتش بازي،شور شرابو كرڻ جهڙيون خرافات شرعي ناجائز ۽ فلاحي سماج كي تباهي جي كناري ڏانهن وٺي وڃڻ جي سازش آهي. اهڙن واقعن جي كري اكثر حادثا ۽ زخمي بہ ٿين ٿا، جاني نقصان بہ ٿئي ٿو خوشي ملهائڻ جو هي طريقو افسوس جوڳو آهي ۽ ٻين جي تقليد كري پنهنجو پاڻ كي نقصان پهچندو آهي. اسان هڪ مهذب قوم آهيون.هي نبي كريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي تعليمات ناهي، رب العالمين كي راضي كرڻ لاءِ رحمت العالمين صلي الله عليہ وسلم جي پيروي كرڻ آهي.اڄ اسان كي اصلاح جي وڌيڪ ضرورت آهي والدين تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي اولاد جي اهڙي تربيت كن تہ اهي نيو ايئر نائيٽ جي خرافات كان پاسو كن.

بقايا سنڌيار 05

قادر،شعيب ۽ عمران سولنگي 20 ماڻهن كان وڌيڪ ساڻ گڏجي كالہ شام جو گهر ۾ گهڙي حملو كيو مسمات رحمت سولنگي وڌيڪ ٻڌايو تہ راشد ملاح شراب جي نشي ڌت هو جيكو ماڻهن سان گڏجي اسان جي گهر تي حملو كيو جنهن ۾ منهنجي ڌيءَ زرينا مان ۽ منهنجو پٽ الطاف سولنگي سخت زخمي ٿي پيو جنهن كي سيرئس حالت ۾ آندو ويو جتي نوشهرو فيروز سول اسپتال زيرعلاج آهي نوشهرو فيروز پوليس بااثرن سان رشوت وٺي چپ جو روزو ركي ڇڏيو آهي مسمات رحمت سولنگي روئندي ٻڌايو تہ اسان جو غريب هجڻ كري كير بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي جوابدار اسان كي موت مار ڌمكيون ڏئي رهيا آهن قرآن پاڪ جي صدقي اسان جي مدد كئي وڃي اسان جي جانين كي خطرو آهي اسين اپيل ٿا كيون آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ٻين وسوارن كان تہ فورن بااثرن كي گرفتار كري اسان سان انصاف كيو وڃي ٻي صورت ۾ مان پنهنجو پاڻ كي مارينديس

بقايا سنڌيار 06

جي اميدوارن سميت باقي فارم چنڊڇاڻ بعد بحال كري ڇڏيا .جاري ٿيل لسٽ موجب اين اي 223 تي پيپلز پارٽي جي اميدوار حاجي رسول بخش چانڊيو پاران آر او آڏو داكٽر فهميدا مرزا . ڊاكٽر ذوالفقار مرزا ۽ حسام مرزا خلاف بينڪ جو قرض رهيل هئڻ وارو اعتراض داخل كندي فارم رد كرڻ جي آر او كي درخواست كئي هئي .اين اي 223 جي آر او محمد نواز كلوڙ فارمن جي چنڊ ڇاڻ بعد داكٽر فهميدا مرزا . ڊاكٽر ذوالفقار مرزا ۽ حسام مرزا جا فارم رد كري ڇڏيا ۽ پي پي اميدوارن حاجي رسول بخش چانڊيو . پير نور الله قريشي .تحريڪ انصاف جي اميدوار عزيز ڏيرو آزاد اميدوار .جماعت الاسلام جي مولوي فتح محمد مهيري . جماعت اسلامي جي اميدوار محمد موسي ملاح.سماجي عورت اڳواڻ پارس شاهہ سميت ٻين اميدوارن جا ٽوٽل 12 فارم بحال كري ڇڏيا . ساڳي طرح پي ايس بدين 71 جي آر او انور پالاٻي ڊاكٽر ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا جا فارم رد كري ڇڏيا . جڏهن تہ پي پي اميدوار داكٽر خالد منڊرو . تاج محمد ملاح .پير نورالله قريشي . تحريڪ انصاف جي گلزار ميمڻ . آزاد اميدوار كمال خان چانگ . ڊاكٽر عزيز ميمڻ . سردار انور ملاح . سماجي عورت اڳواڻ عابد سمون ۽ جي ڊي اي اميدوار حسنين مرزا سميت ٽوٽل 17 اميدوارن جا فارم بحال كري ڇڏيا . ساڳئي وقت اين اي اي 222 ماتلي جي آر او جاويد احمد ڏاهري پي پي اميدوار مير غلام علي ٽالپر . جي ڊي اي جي اكرم نظاماڻي . كمال خان چانگ . مير حسين بخش . جماعت اسلامي جي اميدوار مسمات صفيہ كامران .۽ حسنين مرزا سميت ٽوٽل 20 اميدوارن جا فارم بحال كري لسٽ جاري كري ڇڏيا آهن . رابطي كرڻ تي جي ڊي اي اميدوار حسنين مرزا ٻڌايو تہ وكيل معرفت هو اليكشن ٽربيونل ۾ آر اوز جي فيصلي كي چيلينج كندا .

بقايا سنڌيار 07

پليجو، ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو، ڊاكٽر محمد علي مانجهي، محمد ايوب ملاح، ميونسپل كميٽي ٺٽي جو چيئرمين ادا محمد ميمڻ، ضلعي كائونسل ٺٽو جو چيئرمين عبدالحميد پنهور، حاجي خير محمد بروهي، ڊاكٽر واحد بروهي، ٽرانسپورٽ اتحاد وين سروس ضلعي ٺٽي جو صدر شاهجهان بروهي، يار محمد ملاح، صحافي احمد خشڪ، نور محمد ميربحر، مير محمد برفت، ڊاكٽر امتياز پالاري، غلام شفيع سمون، ايڊوكيٽ عبدالمجيد سمون، الطاف احمد ملاح، صحافي اقبال جاكرو، نظير جاكرو، حنيف جاكرو، محمد ميمڻ، رحمت الله چنو، نزاكت شاهہ، محمد صديق ميمڻ، الهجڙيو برفت، ممتاز علي ميمڻ، فاروق احمد پليجو، جسقم چيئرمين ثنان قريشي، محمد علي ملكاڻي، سردار شاهد بروهي، شكيل احمد بروهي، صحافي نظير احمد پالاري، خداڏنو پالاري، سنڌ حكومت جو اڳوڻو سيكريٽري جاويد صبغت الله مهر، عامر هديو بلوچ، يوسي جهمپير جو چيئرمين حاجي فيض بروهي، ٽائون كميٽي نصرپور جو اڳوڻو چيئرمين اصغر الدين بروهي، ڊي اي او سيكنڊري حضور بخش خاصخيلي، گسٽا اڳواڻ ذوالفقار بروهي، يار محمد لاشاري ۽ ٻين پهچي تعزيت كري مرحوم جي مغفرت لاءِ دعائون گهري ڏک ونڊيو، جيكو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 08

احتجاج وارو سلسلو 139 ڏينهن بہ جاري ركي سكر پريس كلب كان شهيد جان محمد جي جام شهادت تائين احتجاجي ريلي كڍي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعري بازي كئي وئي احتجاج جي اڳواڻي پي ايف يو جئي مركزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ كئي جڏهن تہ پريس كلب جي نئين چونڊيل صدر آصف ظهير لوڌي، جنرل سيكريٽري شوكت نوناري، امداد بوزدار، سيد احقر شاهہ، شهزاد تاباڻي، لالا شهباز خان، سحرش كوكر،نصر وزير، امداد علي گل كلوڙ كامران شيخ، جلال الدين پيو، عمر سومرو، خالد ٻانيڻ، انس گهانگهرو، مجيب ورند، محمد رضوان صديقي ، اظهر دايو،جهانزيب وسير عبدالغفور شيخ، اورنگزيب ماكو، فرقان كوسو، عبيد شيخ، كاشف ڦلپوٽو، مبين خان،سجاد شاهہ، فاروق سومرو، انس ملڪ، جواد شاهہ، يار محمد سومرو،نادر خان، فيصل آرائين، علي كوسو، عقيل احمد، . نادر سنجراڻي، ناصر جعفري، شاهہ ولي، محمد علي سولنگي، اشفاق كوسو، فريد سومرو، بخش علي ڦلپوٽو، بابر كوكر، اصغر عباسي مجيد نواز مغل، صلاح الدين سميجو، جي ايم شيخ، عدنان شيخ، اسامہ طلعت، امجد عباسي، فضل الرحمان قريشي، مسعود زيدي، سميت ۽ سمورن ميمبرن وڏي انگ ۾ شركت كئي ان موقعي تي لالا اسد پٺاڻ ۽ ٻين چيو تہ شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن گرفتاري تائين خاموش نہ ويهنداسين احتجاجي تحريڪ ان وقت تائين جاري ركندا سين جيستائين قاتلن كي قانون جي كٽهڙي ۾ نہ ٿو آندو وڃي 139 ڏينهن ٿي ويا آهن رياست ۽ ان جا ادارا خاموش تماشائي بڻيل آهن پر اسان خاموش ٿي نہ ويهنداسين حكمران ۽ پوليس رڳو دلاسن ۽ خاطرين كرائڻ كان اڳتي نہ پيا اچن جنهن سبب كو بهتر نتيجو ناهي نكري سگهيو، پاكستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ طرفان احتجاجي تحريڪ جاري ركي ويندي ان ڏس ۾ ملڪ گير مظاهرن ۽ سڄي سنڌ جي پريس كلبن ٻاهران علامتي بک هڙتال بعد 6 جنوري 2024 تي سكر پريس كلب ۾ آل سنڌ جرنلسٽ كنوينشن منعقد كيو ويندو. جنهن ۾ احتجاج بابت وڌيڪ حكمت عملي جو اعلان كيو ويندو

بقايا سنڌيار 09

۽ صحافي مجيد نواز مغل سڄل پٽي سرواڻ جتوئي شفاعت گهانگهري دلبر پٽو زين جتوئي اياز كلوڙ ذوالفقار جتوئي پريمي وقار امير تنيي ۽ ٻين خطاب كندي چيو تہ كارونجهر جي كٽائي خلاف سنڌ جي ساڃاهہ روڊن تي اچي چكي آهي، سنڌ جي قديمي ماڳن جي حفاظت لاءِ موثر قانون سازي كئي وڃي، كارونجهر جبل سنڌ جي قديمي ماڳن مان آهي، ان جي كٽائي وارو عمل سنڌ جي سونهن كي ختم كرڻ برابر آهي، رياست جي مكمل اها ذميواري آهي تہ هو قومن جي قديمي ماڳن جي حفاظت كري ۽ ان لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي پر اسان وٽ ائين نٿو كيو وڃي ابتو جيكي ماڳن موجود آهن. انهن كي نقصان پهچايو وڃي ٿو، ادبي سنگت اهڙي عمل خلاف سراپا احتجاج آهي ۽ مستقبل ۾ پڻ اهڙي جدوجهد جاري ركندي.

بقايا سنڌيار 10

گاڏاهي كئي ان دوران مير طارق صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان درگاهہ لنواري شريف جا مريد آهيون ۽ 1982 درگاهہ عاليہ لنواري شريف جي ستين سجاده نشين پير خواجہ گل حسن شاهہ صديقي جي وصال كان پوءِ قاضي احمد جو پير فيض محمد قريشي درگاهہ لنواري شريف جو گادي نشين هجڻ جي دعوي1 كئي جيكا جماعت لنواري شريف ني مريدن جي اكثريت رد كري ڇڏي ۽ درگاهہ عاليہ لنواري شريف جي ستين سجاده نشين پير گل حسن شاهہ صديقي جي ڏوهٽي پير محمد حسن قادر صديقي نقشبندي جن كي درگاهہ لنواري شريف جو اٺون موجوده سجاده نشين تسليم كري ٿي انهن ٻڌايو تہ پير فيض محمد قريشي 11.11.95 تي وفات ويو جيكو قاضي احمد ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مدفن ٿيل آهي سندس وفات تي وڃڻ كانپوءِ كجهہ شرپسند عناصر سندس ورسي لنواري شريف ۾ ملهائي درگاهہ لنواري شريف جي مريدن عقيدت مندن ۽ پسگردائي ۾ رهندڙ ۾ امن عوام كي ذهني پريشان كرڻ لاءِ پنهنجو سياسي اثر رسوخ استعمال كري درگاهہ عاليہ لنواري شريف ۾ امن وامان كي خراب كرڻ جي كوشش كري رهيا آهن اسان هنن الزام مڙهيندي چيون تہ مخالف گروپ كي بدين انتظاميہ سياسي پروٽوكول ڏئي لنواري شريف جي مقدس سرزمين تي خون جي هولي كيڏڻ چاهين ٿا جيكا هولي هو اڳ ۾ 1983 ۾ كيڏي چكا آهن جنهن ۾ ست بيگناهہ هارين كي قتل كيو ويو هو جيكي ٻني ۾ كم كري رهيا هئا . درگاهہ لنواري شريف جا موجوده سجاده نشين پير محمد حسن عرف پير حسن قادر صاحب آهن جن جي حق ۾ سول كورٽ كان هاءِ كورٽ تائين فيصلا آيل آهن اسان جماعت لنواري شريف جو سنڌ حكومت ۽ ضلعي انتظاميہ بدين كي اپيل كندي چيو آهي تہ كورٽن جي آيل فيصلن مطابق پير فيض محمد قريشي جو درگاهہ لنواري شريف سان كو بہ تعلق نہ آهي هو قاضي احمد ۾ دفن ٿيل آهي سندس ورسي قاضي احمد ۾ ملهائي وڃي بدين انتظاميہ سياسي ملي ڀڳت سان مخالف گروپ كي كورٽن مان هاريل گروپ كي پروٽوكول ڏئي درگاهہ عاليہ لنواري شريف جي سرزمين تي امن امان خراب كرڻ جي كوشش ۾ ردل آهي تنهن كري بدين انتظاميہ كي گذارش آهي تہ 1.1.2024 تي لنواري شريف ۾ پير فيض محمد قريشي جي ورسي تي پابندي لڳائي وڃي ٻي صورت ۾ جماعت ناجيہ لواري شريف طرفان ڀرپور احتجاج كيو ويندو جنهن جي زميدار بدين انتظاميہ تي هوندي جڏهن تہ ورسي جي بندش لاءِ اسان چيف سيكريٽري سنڌ . هوم سيكريٽري سنڌ . كمشنر حيدرآباد . آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ڊپٽي كمشنر بدين . ايس ايس پي بدين كي درخواستون پڻ موكليون آهن

بقايا سنڌيار 11

انب ولد كيمون پيل فضل پنهرو كان نئون كوٽ طرف موٽرسائيكل تي اچي رهيو هو رند واٽر پرسان موٽر سائيكل جو سوزكي سان ٽكر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽڏي تي فوت ٿي ويو جنهن كي اطلاع تي علائقي واسين ڏسي لاش صحت مركز نئون كوٽ منتقل كيو جتي ضروري كارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي كيو ويو

بقايا سنڌيار 12

مونسان انصاف كيو وڃي. هن ايس ايس پي ٺٽو كان مطالبو كيو آهي تہ جوابدار كي گرفتار كري مونسان انصاف كيو وڃي. زخمي كي رورل هيلٿ سينٽر آندو ويو جتي سندس مٿي ۾ ڌڪ ۽ كن پڻ كٽيل آهي.

بقايا سنڌيار 13

عام چونڊون 2024 جي سلسلي ۾ اميدوارن پاران جمع كرايل نامزدگي كاغذن جي بحالي جو سلسلو جاري آهي تحريڪ لبيڪ پاكستان طرفان سكر جي صوبائي تڪ پي ايس 23 تي نامزد كيل اميدوار مولانا محمد موسي هرڙو پاران جمع كرايل نامزدگي كاغذ منظور ٿي ويا نامزدگي كاغذ منظور ٿيڻ تي تحريڪ لبيڪ جي كاركنن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي كاركنن پاران مولانا محمد موسي هرڙو كي گلن جا هار پارائي خوشي ۾ مٺائي ورهائي وئي

بقايا سنڌيار 14

۾ قتل ٿيل همراهہ جي قتل كيس ۾ اسان جا 2 نوجوان علي گل چنا ۽ بابر چنا تي ناحق قتل جو كوڙو كيس داخل كرائي بنهين ڄڻن كي جيل موكلائي ڇڏيو آهي هنن چيو تہ گذريل رات تنيا برادري جا ماڻهون اسان جي گهرن ۾ گهڙي اسان سان بي حرمتي كرڻ جي كوشش كئي ۽ اسان كي گهرن مان بي دخل كرڻ لاءِ اسان مٿان سخت تشدد كيو اهڙي واقعي جو اطلاع حد ماكرو كالوني پوليس چوكي كي اطلاع ڏنو پر پوليس اسان جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ بہ تيار ناهن. هنن مطالبو كيو ت قتل كيس جي شفاف جاچ كرائي وڃي ناحق خون جي كيس ۾ بي گناهہ جيل ۾ قيد كاٽيندڙن كي آزاد كري اسان سان انصاف كيو وڃي

بقايا سنڌيار 15

چانڊيو، مولابخش مبيجو،سيد ابرار علي شاهہ، سيد ذويب علي شاهہ،سردارعثمان عالماڻي، فيروز خان جمالي سيد مراد علي شاهہ سد اصغر علي شاهہ اڳوڻو ڊپٽي اسپيكرسيد ظفر علي شاهہ پاكستان تحريڪ انصاف سيد سرفراز علي شاهہ عبدالرحمان ڏنگراج اكرم پيرزاده جماعت اسلامي ايڊكيٽ شبير احمد خانزاده ۽ پرپارود آزاد اميدوار اڳوڻو ٽائون چيئرمين سيد امير علي شاهہ مسلم ن جي اميدوار ملڪ وسيم اعوان جا پي ايس 33 تي فارم بحال ٿي ويا جڏهن تہ 206 تي مسلم ن جي اميدوار قمرالزمان راڄپر جا فارم بحال ٿي ويا هئي پاسي پيپلز پارٽي جي اڳوٺوايم پي اي موجود جي ڊي اي اڳواڻ ڊاكٽر عبدالستار راڄپر جا بہ پي ايس 34 ۽ اين اي 206 تي فارم بحال ٿي ويا جڏهن تہ ساڳئي پي ايس 33 تي مسلم ن جي اميدوار شكيل جلباڻي جو بہ فارم بحال ٿي ويو ان كان پهريان پي ايس 33 تي پ پ پ جو اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهہ سيد حسن علي شاهہ سيد ظهير علي شاهہ ۽ سمورن اميدوار جا فارم بحال ٿي ويا آهن جيئن تہ مورو جي پي ايس 35 تي 29 ايدوارن پنهنجا نامزدگي فارم جمع كرايا هيا جنهن ۾ اسكروٽي دوران 27 اميدوارن جا فارم بحال ٿي ويا جڏهن تہ جي ڊي اي پليٽ فارم تان سابق وفاقي وزير غلام مرتضي جتوئي جي پٽ بلاول خان جتوئي ۽ آزاد اميدوار علي گل جو فارم اليكشن كميشن رجيكٽ كري ڇڏيو اليكشن كميشن جي مطابق پنهي اڳواڻن جا اسكروٽي دوران وضاحت نہ كرڻ تان فارم ردكيا آهن

بقايا سنڌيار 16

كامورن جي ملوث بااثرن خلاف سنڌ هاءِ كورٽ جي چيف جسٽس صاحب ۽ نگران وڏي وزير ۽ انٽي كرپشن جي ڊاريكٽر سنڌ نوٽيس وٺي تفصيل موجب : سنڌ سميت سكر جي مختلف بيلن شاهہ بيلو.الف كچو. باگڙجي بيلو سميت بيلن اندر بيلي كاتي جا كامورا وڻن جي قاتلن كي تيز كهاڙا ڏئي وڏا ننڍا . وڻ ۽ انهن جا ٻچا كٽجڻ جو نيكو كچي جي اباڻر ماڻهن كي ڏئي ڇڏيو آهي جن بيلن اندر وڻ وڍي ڇڏيا آهن وڻ وڍڻ كري بيلا سركاري نالي ماتحت بچا آهن سنڌ سركار جي بيلي كاتي جو كردار چور چوكيدار وارو نظر اچي رهيو آهي. سكر جي كچي ۾ لكين ايكڙ سركاري زمينن تي قبضا كري بيلا ختم كيا پيا وڃن. كنزرويٽر سكر سليم وسطڙو ڊي ايف او سكر هوش محمد شر سميت ضلعي سكر ۾ بيلي كاتي جي كرتا ڌرتا آفيسر ۽ احسن ڀرڙو، نظام الدين جوڻيجو . علي حسن كيريو ۽ ٻيا عملدار وڻن جي واڍي ۾ ملوث هئڻ جو مبينا انكشاف ٿيو آهي اهي سكر جا بيلا وڍرائي وكرو كري رهيا آهن جنهن سبب هر كک پتي مان كروڙ پتي بڻجي ويا آهن انهن جون ملكيتون آمدني كان وڌيڪ آهن جن جو كاٿو لڳائڻ لاءِ نيب كاتو اينٽي كرپشن توڙي ٻيا ڳجها ادارا شفاف جاچ كن جاتايل عملدار جنهن ڊيوٽي جي پگهار ۽ سال ۾ كروڙين رپين جون مراعتون وٺن پيا اهي فرض نڀائڻ بدران بيلا مسمار كرائي رهيا آهن وڻن جي واڍي ۽ بيلن جي تباهيءَ جي سرپرستي كري كروڙين روپيا كمائي رهي آهن كروڙين وڻن جي واڍي كري فطرت سان خطرناک دشمني كئي پئي وڃي. سكر جي كچي ۾ مختلف ذاتين تي مشتمل اهڙا بااثر قبضا گروپ ڦهيل آهن جن بيلي جي زمين كي مال غنيمت سمجهي كاڙو آهي. اعتماد جوڳن ذريعن جي ڄاڻ موجب پيپلز پارٽي جو كائونسلر قربان كوسو پڻ هزارين ايكڙن بيلي كاتي جي سركاري زمين تي قبضو كرڻ ۾ مبينا طور ملوث آهي سنڌ هاءِ كورٽ جي چيف جسٽس نگران وڏو وزير سنڌ في الفور هنگامي بنيادن تي بيلن جي تحفظ لاءِ اعلي سطحي كاميٽي جوڙي بيلن جي صورتحال جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ قبضن ۾ ملوث بيرحم مافيائن سميت سندن سرپرستي كندڙ بيلي كاتي جي كارين رڍن كي ڳچيءَ ۾ قانون جو پٽو وجهي بيلن ۽ بيلن اندر ناياب جانورن ۽ تتر پكي جي حفاظت كي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي كڍي وئي، ريلي ۾ مارو جمالي، تابش بخاري،ضمير كوريجو، ميرچند اوڏ، رجب آزاد،علي گوهر سومرو،اميد سنڌي، شيخ سرور محمد يعقوب پنهور،وقارسولنگي، شعبان اختر، ظفر شينو،غلام مرتضي شيخ،عمران سومري، حاكم بلڙ، وفا ياسين آرائين، اياز سيفي، راهب سيال ،سليم سهتو، دين محمد، جواد پنڙ، ساجد جمالي سميت شهر جي مختلف فكر ركندڙ شهرين شركت كئي، اڳواڻن كارونجهر ٽكر جي نيلامي نامنظور كندي چيو تہ كارونجهر ٽكر سان هٿ چراند بند كئي وڃي ۽ كارونجهر كي ورلڊ هيريٽيج قرار ڏنو وڃي هنن وڌيڪ چيو تہ كارونجهر ٿر جو حسن آهي ان ۾ رهندڙ جيوت كي پڻ تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

سولنگيءَ عبدالشكور نهڙيو جي اڳواڻي ۾ ريلي كڍي احتجاجي مظاهرو كرڻ كان پوءِ پرهجوم پريس كانفرنس كندي چيو آهي تہ موجوده پروجيكٽ ڊائريكٽر ۽ اڳوڻي ايريا واٽر بورڊ جي ڊائريكٽر مير غلام علي ٽالپر ۽ ٻين پاران بيلي كاتي جي 17 هزار ايكڙ زمين آباد كرڻ لاءِ اكرم واهہ جي آرڊي نمبر 95 مان محمد هاشم پنهور جي نالي سان غير قانوني واٽر كورس كڍيو ويو آهي. جيكو غير قانوني آهي جنهن سان لكين ايكڙ زمينون غير آباد بڻجي وينديون ۽ آبادگارن كي وڏو نقصان برداشت كرڻو پئجي ويندو .جڏهن تہ سپريم كورٽ جي حكم مطابق كنهن بہ واهہ تي غير قانوني واٽر كورس نٿو كڍي سگهجي، پر هنن سپريم كورٽ جي فيصلي جي توهين كندي ۽ ايريگيشن كاتي مان بنا منظوري جي واٽر كورس كڍيو آهي. جيكو سراسر غلط ۽ آبادگارن جي روزي تي لت ڏيڻ برابر آهي، هنن چتاءُ ڏيندي چيو تہ اكرم واهہ مان نكتل غير قانوني واٽر كورس فوري بند كري آبادگارن جو معاشي قتل عام بند كيو وڃي، ٻي صورت عدالت جو در كڙكائڻ سميت پير چوڪ تي تاريخي ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا سنڌيار 19

ٿيڻ جي نتيجي ۾ قلندر شهباز جي زيارت لاءِ ويندڙ كراچي واسي هڪ ئي خاندان جي عورتن ٻارڙن سميت 15 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ بي بي دعا بلوچ رخسانا بلوچ ريحانہ بلوچ دجن بلوچ فريده بلوچ مسمات امينا بلوچ مجاهد بلوچ جميلان بلوچ آيان بلوچ بلاول بلوچ ريحان بلوچ فاطمہ بلوچ نازي بلوچ نازلي بلوچ شامل آهن زخمين كي مقامي ماڻهن تعلقہ اسپتال سيوهڻ ۽ مقامي ڊسپينسرين ڏانهن منتقل كيو جتي زخمين جو علاج كيو ويو پوليس تباهہ ٿيل گاڏين كي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 20

ٿاڻي جي حد اندر كو بہ ڏوهہ ٿئي ٿو تہ لاڳاپيل پوليس ذميوار هوندي. وڏي وزير ڇنڇر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال بابت اهم اجلاس جي صدارت كئي جنهن ۾ انسپيكٽر جنرل پوليس رفعت مختار ۽ ايڊيشنل آءِ جي كراچي خادم رند شركت كئي. وڏي وزير شهر ۾ اسٽريٽ كرائم جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي جو اظهار كيو آهي، هن چيو تہ شهري روڊن ۽ تفريحي ماڳن تي پاڻ كي محفوظ نٿا سمجهن ۽ قانون لاڳو كندڙ ادارن تان سندن اعتماد ختم ٿي رهيو آهي. هن واضح هدايت كئي تہ جيكڏهن كنهن بہ ٿاڻي جي حد اندر اسٽريٽ كرائم جو كو واقعو پيش آيو تہ لاڳاپيل پوليس اسٽيشن خلاف كارروائي كئي ويندي. مقبول باقر چيو تہ مون پوليس كي مسلسل گشت كرڻ جي تاكيد كئي آهي پر انهن هدايتن تي مكمل عمل ناهي كيو پيو وڃي. جنهن تي آءِ جي پوليس چيو تہ پوليس پاران اوهان جي گشت واري حكم جي تعميل كئي وئي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ پوليس اسٽيشنن ۽ موبائلن كي وائرليس اسٽيشنن سان ليس كيو ويو آهي ۽ پوليس اسٽيشنن كي اپ گريڊ كيو پيو وڃي. كچي جا علائقا: وڏي وزير چيو آهي تہ لاڙكاڻي ۽ سكر ڊويزن جي كچي واري علائقي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ڀنگ عيوض اغوا جا كيس شروع ٿي ويا آهن. هن چيو تہ كچي ۾ اهڙن ڏوهن جا وڌندڙ واقعا برداشت جوڳا نہ آهي. هن آءِ جي پوليس كي هدايت كئي تہ اغوا ٿيلن جي بازيابي كي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڌاڙيلن خلاف كريڪ ڊائون جاري ركيو وڃي. عادي ڏوهارين جي ٽيگنگ: وڏي وزير ۽ انسپيكٽر جنرل آف پوليس ڏوهن ۾ ملوث ڏوهارين كي ٽيگ لڳائڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ كئي تہ جيئن انهن جي حركت تي نظر ركي سگهجي. اجلاس ۾ تجويز ڏني وئي تہ ڏوهارين كي سندن ٻئي يا ٽئين ڏوهہ كرڻ تي هڪ كنگڻ ڏنو وڃي. وڏي وزير آءِ جي پوليس كي هدايت كئي تہ هوان حوالي سان هڪ قانوني مسودو پيش كري جنهن جو جائزو وٺڻ بعد آرڊيننس ذريعي متعارف كرايو ويندو. وڏي وزير انسپيكٽر جنرل پوليس كي هدايت كئي تہ صوبي ۾ امن امان جي بهتر صورتحال كي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن عام چونڊون خوشگوار ماحول ۾ ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 21

سندس جي تدفين ۽ جنازي نماز لعل هندي مقام ادا كئي وئي سندس جنازي نماز ۾ ڊسٽركٽ انفارميشن آفيس نواب شاهہ جي ڊائريكٽر عباس ڳوراهو ڊسٽركٽ انفارميشن آفيس نوشهروفيروز جي ڊائريكٽر عبداللطيف سولنگي ڊسٽركٽ انفارميشن آفيس حيدرآباد اسسٽنٽ آفيسر عبيدالرحمان جتوئي ڊسٽركٽ انفارميشن آفيس دادو كلارڪ فرقان غني منگي نائب قاصد عبدالرشيد سولنگي ميرل كابورو عوامي پريس كلب دادو جي صدر قربان علي كوسو عوامي پريس كلب جي وركنگ كاميٽي چيئرمين صحافي زاهد علي كوسو صحافي سجاد علي لاكو صحافي علي گل پنهور صحافي سجاد علي چانڊيو علي جان بلوچ عقيل احمد لاكو امانت سولنگي كليم الله لاشاري دادو پريس كلب جي صدر صابر علي پنڊ سينيئر صحافي سرور جلال سولنگي صحافي رضوان علي منگي صحافي ولي محمد لنڊ صحافي علي رضا چنہ صحافي عابد سنڌي صحافي آفتاب احمد ڳوڙ صحافي غلام مصطفي ملكاڻي مختيار علي جتوئي سنكندر علي پنهور جمع خان برهماڻي اصغر ملاح كلارڪ ايسوسيئشن جي مركزي اڳواڻ احمد علي ڏاهري ڊاكٽر آفتاب احمد پٺاڻ شاهد ميراڻي مسرور هاليپوٽو منظور زنوئر اسدالله ڏاهري يوٿ ويلفيئر سوسائٽي چيئرمين سليم اختر پنهور سماجي اڳواڻ فقير حاجي محبوب علي سومرو محمد بخش كرائي مجيب پنهور غلام حيدر پنهور قادر بخش سولنگي شاهد علي گوپانگ ۽ دادو جي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن پڻ شركت كئي، ٻئي پاسي عوامي پريس كلب جي صدر صحافي قربان علي كوسو صحافي علي گل پنهور يوٿ ويلفيئر سوسائٽي ضلع دادو چيئرمين سليم اختر پنهور سماجي اڳواڻ فقير حاجي محبوب علي سومرو پاران لاهوتي منير احمد سيال جي قبر تي پهچي قل خواني پڙهي دعا گهري ۽ چيو تہ الله پاڪ لاهوتي منير احمد كي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا كري ۽ سندس اولاد نبي بخش سيال ۽ گهروارن كي صبر كرڻ جي توفيق عطا كري.

بقايا سنڌيار 22

ايم پي اي جو آزاد اميدوار عبدالمجيد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ جوهي تعلقي كي اڳئين چونڊيل نمائندن تباهہ ۽ برباد كري ڇڏيو آهي، اسان سميت جوهي جي عوام هميشہ پ پ پ كي ووٽ ڏنا پر پ پ پ جي چونڊيل اميدوارن جوهي تعلقي جي عوام كي نظر انداز كري ڇڏيو، هن چيو تہ اڳوڻو ايم پي اي سيد صالح شاهہ چونڊجي اچڻ بعد گم ٿي ويو جوهي جي عوام ٻوڏ دوران دربدر ٿي وئي كنهن بہ سندن مالكي نہ كئي، هن چيو تہ اسان عوام جو ڏک كي محسوس كندي اهو نعرو هنيو آهي تہ اچو پنهنجي قيادت پاڻ كري مظلوم عوام جي خدمت كيون. هن ڀيري جوهي جو عوام وڏيرن، پيرن كي ووٽ ڏيڻ بدران پورهيت، هاري جي حامي كي ووٽ ڏئي كامياب كري تہ جيئن جوهي، كاڇي ۾ خوشحالي اچي. هن چيو تہ جوهي تعلقو تيل گئس جي معدنيات سان مال مال هجڻ باوجود دادو ضلعي ۾ گئس ۽ بجلي جي بدترين لوڊشيڊنگ كئي پئي وڃي، تيل گئس كمپنين پاران علائقي جي عوام لاءِ ملندڙ رائيلٽي كامورا ۽ اڳوڻا چونڊيل نمائنده ملي ڀڳت كري هڙپ كري ويا. جوهي تعلقو كنڊرات جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. جوهي تعلقي جا نوجوان بيروزگار بڻيل آهن. هن چيو تہ عوام اگر ووٽ ڏنو تہ سندن جا بنيادي مسئلا پهرين مرحلي ۾ حل كرائيا.صحت، تعليم، روڊ رستا، گئس بجلي فراهم كئي ويندي.ان موقعي تي ممتاز سولنگي، جاويد سولنگي، اظهر ۽ ٻيا سوين برادري جا معزز گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 23

رميش كمار مالهي پنسارجي دكان جا شٽر ٽوڙي ۽ پٿورو روڊ تي فصل آٽوز جا سٽر ٽوڙي ٽوڙيا ويا آهن چور جي وارداتن خلاف واپارين ۾ سخت كاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي آهي مريد ماركيٽ سردار ماركيٽ سلطان ماركيٽ وحيد ماركيٽ سميت ٻين هنڌن تي واپارين پاران كاروبار بند ركي هڙتال كري احتجاجي ريلي كڍي مظاهرو كيو ويو . ان موقعي تي هيرالال مالهي . شمبو مل . دارو مل . اڳوڻو ٽائون وائس چيئرمين روي سورج ميگهواڙ . كامريڊ مائوجي كولهي . چنو ميگهواڙ . خوشحال داس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس كلب آڏو احتجاج مظاهرو كري سخت نعريبازي كئي

بقايا سنڌيار 24

وارن سان ڳالهائيندي چيو تہ شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي شهري غير محفوظ ٿي ويا آهن. شهرين مان ڏينهن ڏٺي جو ڦر، چوري جا واقعا وڌي ويا آهن هنن چيو تہ شهري جاويد مگسي كان دوست علي روڊ تان ڏينهن جو هٿيارن جي زور تي ڦورو ڦر كري فرار ٿي ويا آهن شهري غير محفوظ ٿي ويا آهن هنن ايس ايس پي قمبر شهدادكوٽ، ڊي آءِ جي لاڙكاڻو سميت ٻين وس وارن كان مطالبو كيو تہ شهرين تحفظ فراهم كري بدامني كي روكي ڦر ٿيل موٽرسائيكل واپس كرائي ڏئي شهرين ۾ پكڙيل بيچيني ختم كئي وڃي.

بقايا سنڌيار 25

جي اڳواڻي مركزي آڊيٽر سجاد ميراڻي . ڊاكٽر ابراهيم كرل ، امر اقبال ، منظور خاموش آصف بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس كلب پريالوءَ آڏو احتجاجي مظاهرو كندي سنڌي ادبي سنگت جي مركزي سيكريٽري جنرل تاج جويو چيو تہ كارونجهر جبل سنڌ جو تاريخي ماڳ ۽ ورسو آهي هن چيو تہ ان ماڳ تي مسلمان ۽ هندن جون عبادت گاهن جو نشانيون موجود آهن هن چيو تہ كارونجهر مان اسان كي سون سرن برابر اسان كي كمائي ٿئي ٿي كارونجهر سنڌ جو هڪ اهڙو ماڳ آهي جنهن تي سنڌي ٻولي جي عظيم شاعرن شيخ اياز . خليل كنير كان وٺي سرائكي شاعرن كاونجهر تي شاعري كئي آهي ۽ سنڌ هاءِ كورٽ پڻ كارونجهر جبل جي كٽائي ۽ نيلامي كي بند كرائڻ جو حكم ڏنو آهي پر ان جي باوجود سنڌ جي نگران وزير معدنيات خدا بخش مري سنڌ ڏشمني جو ثبوت ڏيندي نگر پاركر ۾ پريس كانفرنس كندي چيو آهي تہ چند شرپسند كٽائي خلاف آهن جڏهن تہ هي مطالبو سڄي سنڌ جي عوام جو آهي تہ كارونجهر جي نيلامي توڙي كٽائي سڄي سنڌ كي نامنظور آهي جنهن كي اسان مكمل طور تي رد كيون ٿا ۽ كارونجهر جي نيلامي كي نامنظور آهي ان موقعي تي مظاهري ۾ سنگت خيرپور . پريالوءَ . عبدو . ميهڙ ۽ ٻين سنڌي ادبي شاخن جي اڳواڻن شركت كئي.

بقايا سنڌيار 26

۾ مقامي زميندار جو چوڻ هو تہ ڌاڙيل مرچو ناريجو ۽ ٻين سندس ٽئي ساٿين پاران كيترائي ڀيرا ڀنگ ڏيڻ لاءِ چٽيون لكيون آهن ۽ نہ ڏيڻ تان هي پنجون ڀيرو منهنجي انبن ۽ ليمن جي باغ جي مان تيار ٿيل وڻ پاڙن كان وڍي زمين ۾ اڇلائي ويا آهن جن خلاف مهيسر وڏا ٿاڻي تي اين سي داخل كرائي آهي ان موقعي تي هن ايس ايس پي خيرپور كان گهر كئي تہ ڏوهارين خلاف كارروائي كري انصاف كيو وڃي.

بقايا سنڌيار 27

شده نياڻي كي غلام مصطفا لاشاري ۽ كرمنل ۽ خوني اختيار لاشاري بہ سال اڳ اغوا كري كئي ويا هيا جنهن جي اغوا جو كيس مان سپريم كورٽ تائين كٽي ويس كورٽ جي حكم مطابق نياڻي منهنجي حوالي كرڻ جو حكم ڏنو پر جوابدار بااثر هجڻ كري اهي سري عام گهمي رهيا آهن جن كي ڳوٺ ٻهارو لاشاري جي بااثرن 20 كيسن ۾ گهربل جوابدار اختيار لاشاريءَ جي سپورٽ آهي جيكو خيرپور چوڏاهو ٿاڻي حد ۾ سري عام گهمي ڦري رهي ٿو جيكو مونكي مارڻ جون پڻ ڌمكيون ڏي پيو خدا جي واسطي نگران سي ايم سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سكر ايس ايس پي خيرپور ۽ سمورن وس وارن كي اپيل ٿو كريان تہ منهنجي شادي شده نياڻي واپس كرائي ڏني وڃي ۽ ظالمن كي عبرتناک سزا ڏني وڃي

بقايا سنڌيار 28

شريف ۾ ملهائڻ تي پابندي لڳايي وڃي درگاهہ جو اصل گادي نشين حضرت پير محمد حسن (ثاني) عرف پير حسن قادر آهي پهرين جنوري تي كوريجو برادري پاران ورسي ملهايي وڃي پيي جنهن سبب درگاهہ جي مريدن وچ ۾ جهيڙي جا امكان آهن جنهن سان خون ريزي ٿيڻ جو خدشو آهي اڳ بہ ان مسعلي سبب درگاهہ كافي عرصي كان بند هيي اهڙي اطلاع بدين انتظاميا كي پڻ ڏني ويي آهي تفصيل موجب: كوٽ غلام محمد ۾ مختيار علي خاصخيلي جميل احمد خاصخيلي قادر بخش خاصخيلي علي محمد خاصخيلي غلام مصطفي خاصخيلي عابد علي خاصخيلي عوامي پريس كلب تي پهچي پريس كانفرنس كندي ميڊيا كي ٻڌايو تہ اسين درگاهہ عاليہ لواري شريف جا مريد آهيون ۽ اسين بدين انتظاميا كان اپيل تا كريون تہ پهرين جنوري تي درگاهہ عاليہ شريف جي سجاده نشيني جي كوڙي دعويدار ميان فيض محمد كوريجو جي ورسي لواري شريف ۾ ملهائڻ تي پابندي لڳايي وڃي تہ جيين درگاهہ جي مريدن وچ ۾ جهيڙي ۽ خون ريزي جو امكان آهي هنن چيو تہ درگاهہ عاليا لواري شريف جي سجاده نيشيني جي كوڙي دعويدار ميان فيض محمد كوريجو كري رهيا آهن جڏهن تہ اصل درگاهہ جو سجاده نشين حضرت پير محمد حسن (ثاني) عرف پير حسن قادر آهن جن جي حق ۾ سول كورٽ كان وٺي هاءِ كورٽ تايين فيصلا پڻ آيل آهن هنن ايس ايس پي بدين ڊپٽي كمشنر بدين ڊي آيي جي حيدرآباد آيي جي سنڌ كمشنر حيدرآباد ڊيوزن هوم سيكريٽري سنڌ چيف سيكريٽري سنڌ كان اپيل كندي گهر كيي تہ كورٽن جي فيصلن موجب ميان فيض محمد كوريجو جو درگاهہ لواري شريف سان كو بہ تعلق نہ آهي ميان فيض محمد قاضي احمد ۾ مدفن ٿيل آهي سندس ورسي قاضي احمد ۾ ملهايي وڃي هنن بدين انتظاميا تي الزام هڻندي چيو تہ انتظاميا سياسي ملي ڀڳت سان كوريجو گروپ كي پروٽوكول ڏيي درگاهہ عاليا شريف جي سرزمين تي امن و امان خراب كرڻ جي كوشش پيي كري تنهنكري بدين انتظاميا كي هنن گزارش كندي چيو تہ پهرين جنوري تي لواري شريف ۾ ميان فيض محمد كوريجو جي ورسي تي پابندي لڳايي وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ جماعت ناجيہ لواري شريف طرفان ڀرپور احتجاج كيو ويندو جنهن جي زميوار بدين انتظاميا هوندي

بقايا سنڌيار 29

روبين جو ڏنڊ جي سزا ٻڌائي وئي آهي، علماءِ ايكشن كميٽي جي اڳواڻن گواهن ۽ كيس جي پوئواري كندڙن كي اجركن جا تحفا ۽ گلن جا هار پارايا ان موقعي تي علماءَ ايكشن جي اڳواڻن مختلف مكتب فكر جي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ صحافي برادري جو ٿورو مڃيو تہ توهان سڀني جي ساٿ سان كاميابي حاصل ٿي سگهي آهي، علماءَ ايكشن كميٽي جي مولوي محمد قاسم چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو تہ حضرت محمد آخري نبي آهي اسان سڀني مسلمانن جو اهيو عقيدو آهي تہ حضرت محمد كانپوءِ جيكو بہ نبوت جو دعوا كندو اهو كافر آهي ۽ واجب القتل آهي.

بقايا سنڌيار 30

امان الله،مير وقار احمد ٽالپر، مير منظور احمد ٽالپر، جماعت اسلامي جو عبدالكريم بليدي، جي يو آءِ جو عبدالواحد ميمڻ، راهہ حق پارٽي جو عبدالله سنڌي، مسلم ليگ ن جو مجاهد خواجا، عوامي تحريڪ جو ايڊوكيٽ فاضل زئور، جڏهن تہ آزاد اميدوارن ۾ ٽنڊوباگو جي صحافي دوست محمد چانڊيو، شاهنواز جمالي، ارباب انور، محمد آصف، محمد وسيم شاهہ پونو كولهي، پي ٽي آئي جو علي اكبر ليل، اسلم، ساجد علي، عمران خان، علي محمد، سردار غلام مرتضي جا نامزدگي فارم بحال كري لسٽ جاري كئي وئي، جي ڊي اي جي اميدوارن ڊاكٽر ذوالفقار مرزا ۽ سندس پٽ حسنين مرزا خلاف مرزا شگر مل تي كنيل قرض واپس نہ كرڻ تي تڪ جي ووٽر محمد خان رند پاران وكيل منظور علي چانڊيو قرض واپس نہ كرڻ تي اعتراض داخل كرايو ويو هو جنهن تي ريٽرنگ آفيسر ٽنڊوباگو ثناءالله صدر ميمڻ پاران ڊاكٽر ذوالفقار مرزا ۽ سندس پٽ حسنين مرزا جا نامزدگي فارم رد كيا ويا آهن جڏهن تہ قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 222 تي ريٽرنگ آفيسر بدين حسنين مرزا جا نامزدگي فارم بحال كري ڇڏيا آهن.

بقايا سنڌيار 31

چيو ويو آهي تہ ٿرپاركر ۾ اينٽي ريبيز وئكسين (ڇتي كتي) جي وئكسين جي كابہ كوٽ نہ آهي ٿرپاركر ۾ هن وقت 347 انجيكشن ضلعي جي مختلف سركاري اسپتالن ۾ دستياب آهن. جڏهن تہ ضلعي ٿرپاركر ۾ ريبيز (ڇتي كتي جي زخمي) جي مرض سبب كا بہ فوتگي نہ ٿي آهي. سنڌ حكومت ۽ صحت كاتي سنڌ پاران عوام جي لاءِ بهتر صحت جون سهولتون ملي رهيون آهن. ٿرپاركر جي اسپتالن ۾ علاج لاءِ ايندڙ مريضن كي مفت ۾ بهتر علاج جون سهولتون فراهم كيون پيون وڃن. ٿرپاركر ۾ ڇتي كتي جي وئكسين جي كوٽ بابت هلندڙ خبرن ۾ كابہ صداقت نہ آهي ۽ سراسر غلط ۽ من گهڙت آهي. ان موقعي تي ضلعي صحت آفيس ٿرپاركر جي آفيس پاران جاري كيل بيان ۾ صلاح ڏني آهي تہ بهتر آهي تہ اهڙين خبرن كي شايع كرڻ كان اڳ ڊيٽا جي تصديق كرائي وڃي ڇاكاڻ تہ اسان سمجهون ٿا تہ صحيح ۽ مستند خبرون سماج تي مثبت اثر ركن ٿيون.

بقايا سنڌيار 32

رياض حسين راهوجو رپورٽ موجب كنگري تعلقي جي رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ ۾ پي پي ايچ آءِ سنڌ پاران اكين جي بيمارين بابت هڪ نئون وارڊ قائم كيو ويو آهي ان سلسلي ۾ پي پي ايچ آءِ سنڌ جي چيف آپريٽنگ آفيسر رياض حسين راهوجو ريجنل ڊائريكٽر ڊاكٽر زوهيب اسلام عباسي ڊسٽركٽ مئنيجر خيرپور بي ايٽ گمبٽ عمران علي سيال محسن محبوب پٽي ڊاكٽر بركت كانهر ايم او ايچ كيو ڊاكٽر محمد حسين مگنيجو ڊاكٽر مهجبين مگنيجو ڊي ايم راشد مهيسر رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ جي ايڊمنسٽريٽر ۽ ٻين پاران نئين قائم كيل وارڊ واري تقريب جو افتتاح كيوان موقعي تي تقريب كي خطاب كندي چيف آپريٽنگ آفيسر انچارج چيف ايگزيكيوٽو آفيسر سنڌ رياض حسين راهوجو چيو تہ كنگري تعلقي جي ڀرپاڙي جي علائقن جي سوين هزارين مريضن جي اكين جي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ ۾ اكين جي بيمارين جي مكمل علاج لاءِ هڪ نئون وارڊ قائم كيو آهي جنهن ۾ اكين جي بيمارين جو ماهر ڊاكٽر ۽ ٻيو تجربي كار عملو ڊيوٽي سرانجام ڏيندا جنهن سان علائقي جي غريب مريضن كي تمام گهڻو فائدو رسندو هن چيو تہ رورل هيلٿ سينٽر پيرجوڳوٺ ۾ هر مهيني وڏي او پي ڊي ٿئي ٿي جتي هر مرض جو ڊاكٽر ۽ هر شعبو قائم كيو ويو آهي هي سينٽر سندن اداري جي نگراني هيٺ پرائمري ۽ سيكنڊري هيلٿ تي كم كري رهيو آهي مريضن جي ايمرجنسي لاءِ پڻ 24 ئي كلاڪ سروسز فراهم كئي پئي وڃي ان موقعي تي تقريب كي ريجنل ڊائريكٽر ڊاكٽر زوهيب اسلام عباسي ڊسٽركٽ مئنيجر خيرپور بي ايٽ گمبٽ عمران علي سيال ۽ ٻين پڻ خطاب كيو تقريب ۾ شهرين سياسي سماجي اڳواڻن علائقي واسين وڏي انگ ۾ شركت كئي

بقايا سنڌيار 33

روسي منگهنواري جي ڳوٺ محمد صالح سهاڳ مان سوين گاڏين جو قافلو تعلقي كنگري جي تڪ پي ايس 31 جي اميدوار ريحانا مصطفي سهاڳ ۽ اڳوڻي سنڌ جي سيكريٽري ڊاكٽر غلام مصطفي سهاڳ جي اڳواڻيءَ ۾ سوين گاڏين جو قافلو احمدپور، ٽنڊو مستي خان، دعا چونڪ ۽ ٻين شهرن كان ٿيندو شهيدن جي شهر ڳڙهي خدا بخش پٽو پهتو قافلي جو پ پ اڳواڻن وركرن ۽ كاركنن پاران وک وک تي شاندار استقبال كيو ويو ۽ مختلف شهرن جي چونكن چوراهن تي گلن جي وركا كئي سندس كاميابي لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون، جنهن كانپوءِ وڏي قافلي جي صورت ۾ شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو، شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي گلن جون چادرون چاڙهي كين خراج تحسين پيش كيو ويو، ان موقعي تي يوسي منگهنواري جو چيئرمين مير سجاد خان ٽالپر، يوسي نورپور جو چيئرمين انور علي كانهر، عبدالغني آريجو، پ پ اڳواڻ وحيد علي ميتلو، خليق الزمان پنهيار ۽ ٻيا كيترائي پ پ اڳواڻ ساڻن گڏ هئا آخر ۾ اڳوڻي سنڌ جي سيكريٽري ڊاكٽر غلام مصطفي سهاڳ پاران پيپلزپارٽي صوبائي سنڌ جي صدر نثار احمد كهڙو سان سندس لاڙكاڻي واري رهائش گاهہ تي ملاقات كئي ان موقعي تي ايندڙ اليكشن ۽ ٻين سياسي سماجي معاملن بابت پڻ خصوصي ڳالہ ٻولہ كئي وئي.

بقايا سنڌيار 34

مليل ڄاڻ موجب درگاهہ حضرت شاهمراد شاهہ شيرازي رح جي مسجد جي خدمتگار شريف ميمڻ جي موٽرسائيكل ٺٽي شهر جي زم زم لان ٻاهران كي نامعلوم چور چوري كري ويا. هوڏانهن پمپ هائوس ڏابيجي مان پڻ نامعلوم چور 125 موٽر سائيكل چوري كري ويا. ٻئي طرف ڏابيجي جي شيخ عبدالمجيد كالوني ۾ اسكول وٽان 2 نامعلوم موٽر سائيكل سوار هٿيار بندن هٿيارن جي زور تي شاهد ولد خليل احمد كان قيمتي آئي فون ڦر كري فرار ٿي ويا.

روزاني سنڌيار كي نمائندا گهرجن
Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
كراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
PRESS

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار كي پڙهيل لكيل ٽيكنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار كراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سكر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 كلاك اپڊيٽ ٿيندي آهي، پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موكلڻ جا هيراك نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ كو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موكلين. اسان وقت بوقت نمائندن كي جديد ٽيكنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي ركندڙ اميدوار اداري سان رابطو كن ۽ سي وي موكلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com